# ايلاف
# اسلاميات

## پنجين ڪلاس لاءِ

## (ٽيچر گائيڊ)

ليکڪ/ سهيڙيندڙ

ابوعبدالله "ظهير"

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي پاڪستان®

ڪراچي، سکر، لاهور

SCIENCE PUBLICATIONS ®
KARACHI 0332 6118855
SUKKUR 0334 8881071
LAHORE 0300 8070436
mehran_series@yahoo.com



## فهرست


| سبق | نمبر |
|---|---|
| **باب پهريون قرآن مجيد ۽ حديث نبوي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 04 |
| 1 ناظره قرآن مجيد | 04 |
| 2 حفظ قرآن مجيد | 05 |
| 3 حفظ ۽ ترجمو | 07 |
| 4 حديث نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 10 |
| 5 دعائون | 11 |
| **باب ٻيو ايمان ۽ عبادتون** | 12 |
| **(الف) ايمان** | 12 |
| 1 آخرت تي ايمان | 12 |
| 2 عقيدو ختم نبوت ۽ اطاعتِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 17 |
| **(ب) عبادتون** | 22 |
| 1 زڪوٰت | 22 |
| 2 جمعة المبارڪ | 25 |
| 3 عيدون | 29 |
| **باب ٽيون سيرت طيبه** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 33 |
| 1 معراج النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 33 |
| 2 بيعت عقبه (پهرين ۽ ٻئين) | 38 |
| 3 مديني ڏانهن هجرت | 42 |
| 4 مواخات مدينه | 47 |
| 5 مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 52 |
| 6 ميثاق مدينه | 56 |
| 7 غزوات نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 59 |

| | |
|---|---|
| **باب چوٿون اخلاق ۽ آداب** | 62 |
| 1 رواداري | 62 |
| 2 عفو ۽ درگذر ۽ رحمدلي | 65 |
| 3 ڪفايت شعاري | 68 |
| **باب پنجون حسن معاشرت ۽ معاملات** | 71 |
| 1 واعدو پاڙڻ | 71 |
| 2 اسلامي اخوت (پائيچارو) | 74 |
| 3 چغل خوري ۽ غيبت | 76 |
| **باب ڇهون هدايت جا سرچشما ۽ اسلام جا مشاهير** | 79 |
| 1 حضرت دائود عليه السلام | 79 |
| 2 حضرت عيسيٰ عليه السلام | 82 |
| 3 حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه | 86 |
| 4 اولياءَ ڪرام ۽ صوفياءِ ڪرام | 91 |
| **باب ستون اسلامي تعليم ۽ حاضر وقت جون ضرورتون** | 95 |
| 1 حادثن کان بچڻ جون تدبيرون | 95 |
| 2 ٻوٽن ۽ وڻن جي اهميت ۽ انهن جا فائدا | 98 |




باب پهريون

# قرآن مجيد ۽ حديث نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

## (1) ناظره قرآن مجيد

ناظره قرآن مجيد سيپاري 19 کان 30 درست مخرج ۽ تجويد سان تلاوت ڪريو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 19 | وَقَالَ الَّذِيْنَ | 20 | اَمَّنْ خَلَقَ | 21 | اُتْلُ مَآ اُوْحِيَ |
| 22 | وَمَنْ يَّقْنُتْ | 23 | وَمَالِيَ | 24 | فَمَنْ اَظْلَمُ |
| 25 | اِلَيْهِ يُرَدُّ | 26 | حٰمٓ | 27 | قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ |
| 28 | قَدْ سَمِعَ اللهُ | 29 | تَبٰرَكَ الَّذِيْ | 30 | عَمَّ |

## (2) حفظ قرآن مجيد

سُوْرَةُ الْفِيْلِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصْحٰبِ الْفِيْلِ ۝١ اَلَمْ يَجْعَلْ كَيْدَهُمْ فِيْ تَضْلِيْلٍ ۝٢
وَّاَرْسَلَ عَلَيْهِمْ طَيْرًا اَبَابِيْلَ ۝٣ تَرْمِيْهِمْ بِحِجَارَةٍ مِّنْ سِجِّيْلٍ ۝٤ فَجَعَلَهُمْ كَعَصْفٍ
مَّاْكُوْلٍ ۝٥

سُوْرَةُ قُرَيْشٍ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ ۝١ اٖلٰفِهِمْ رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَالصَّيْفِ ۝٢ فَلْيَعْبُدُوْا رَبَّ هٰذَا الْبَيْتِ ۝٣
الَّذِيْٓ اَطْعَمَهُمْ مِّنْ جُوْعٍ ۙ وَّاٰمَنَهُمْ مِّنْ خَوْفٍ ۝٤

**آيت الڪرسي جون فضيلتون:**

آيت الڪرسي قرآن مجيد جي سڀني آيتن جي سردار آهي ۽ جنهن به گهر ۾ پڙهي وڃي ان گهر مان شيطان نڪري ويندو آهي. جيڪو ماڻهو هر نماز ڪان بعد آيت الڪرسي پڙهندو ان ڪي هيٺ ڏنل برڪتون نصيب ٿينديون.

1. ان ڪي جنت ڪان روڪڻ واري ڪا شيءِ نہ آهي سواءِ موت جي.
2. اهو شيطان ۽ جنن جي شرارتن ڪان محفوظ رهندو.
3. ان ڪي پڙهڻ سان ماڻهو الله تعاليٰ جي حفاظت ۾ اچي ويندو آهي.



آيَةُ الْكُرْسِيِّ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ۚ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ ۭ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا
فِي الْاَرْضِ ۭ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ۭ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا
خَلْفَهُمْ ۚ وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖٓ اِلَّا بِمَا شَاۗءَ ۚ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ
وَالْاَرْضَ ۚ وَلَا يَــــُٔوْدُهٗ حِفْظُهُمَا ۚ وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ۝٢٥٥

## (3) حفظ ۽ ترجمو

سُوۡرَۃُ الۡفَاتِحَۃِ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ۙ﴿۱﴾ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۙ﴿۲﴾ مٰلِکِ یَوۡمِ الدِّیۡنِ ؕ﴿۳﴾ اِیَّاکَ نَعۡبُدُ وَ اِیَّاکَ نَسۡتَعِیۡنُ ؕ﴿۴﴾ اِہۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِیۡمَ ۙ﴿۵﴾ صِرَاطَ الَّذِیۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَیۡہِمۡ ۬ۙ غَیۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَیۡہِمۡ وَ لَا الضَّآلِّیۡنَ ٪﴿۷﴾

**ترجمو:** سڀ خوبيون الله جون جيڪو سموري جهان جو مالڪ آهي، تمام مهربان رحم وارو، ڏينهن قيامت جو مالڪ، اسان تنهنجي عبادت ڪريون ٿا ۽ تو ڪان ئي مدد گهرون ٿا. اسان کي سڌو رستو ڏيکار، اهو رستو جن تي تون احسان ڪيو نه کي انهن جو جن تي تون غضب ڪيو. (آمين)

## دعاءِ قنوت

اَللّٰھُمَّ اِنَّا نَسْتَعِیْنُکَ وَنَسْتَغْفِرُکَ وَنُؤْمِنُ بِکَ وَنَتَوَکَّلُ عَلَیْکَ وَنُثْنِیْ عَلَیْکَ الْخَیْرَ وَنَشْکُرُکَ وَلَا نَکْفُرُکَ وَنَخْلَعُ وَنَتْرُکُ مَنْ یَّفْجُرُکَ ؕ اَللّٰھُمَّ اِیَّاکَ نَعْبُدُ وَلَکَ نُصَلِّیْ وَنَسْجُدُ وَاِلَیْکَ نَسْعٰی وَنَحْفِدُ وَنَرْجُوْا رَحْمَتَکَ وَنَخْشٰی عَذَابَکَ اِنَّ عَذَابَکَ بِالْکُفَّارِ مُلْحِقٌ.

**ترجمو:** اي الله اسان توکان مدد گهرون ٿا ۽ تنهنجي بخشش چاهيون ٿا ۽ توتي ايمان رکون ٿا ۽ توتي ڀروسو ڪريون ٿا ۽ تنهنجون خوبيون بيان ڪريون ٿا ۽ اسان تنهنجو شڪر ادا ڪريون ٿا ۽ تنهنجي ناشڪري نه ٿا ڪريون ۽ الڳ رهون ٿا ۽ اسان ڇڏيون ٿا ان کي جيڪو تنهنجي نافرماني ڪري. اي الله



اسان تنهنجي عبادت ڪريون ٿا ۽ تنهنجي لاءِ ئي نماز پڙهون ٿا ۽ سجدو ڪريون ٿا ۽ تنهنجي طرف ڊوڙون ٿا ۽ تنهنجي خدمت ۾ حاضر ٿيون ٿا ۽ تنهنجي رحمت جي اميد رکون ٿا ۽ تنهنجي عذاب کان ڊڄون ٿا. بيشڪ تنهنجو عذاب ڪافرن کي پهچڻ وارو آهي.

## التحيات

اَلتَّحِیَّاتُ لِلّٰہِ وَالصَّلَوٰتُ وَالطَّیِّبٰتُ اَلسَّلَامُ عَلَیْکَ اَیُّھَا النَّبِیُّ وَرَحْمَۃُ اللّٰہِ وَبَرَکَاتُہٗ ؕ اَلسَّلَامُ عَلَیْنَا وَعَلٰی عِبَادِ اللّٰہِ الصّٰلِحِیْنَ ؕ اَشْھَدُ اَنْ لَّآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ وَاَشْھَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُہٗ وَرَسُوْلُہٗ.

**ترجمو:** سڀ قولي، فعلي ۽ مالي عبادتون الله لاءِ ئي آهن. سلام هجي توهان تي اي نبي ۽ الله جون رحمتون ۽ برڪتون. سلام هجي اسان تي ۽ الله جي نيڪ ٻانهن تي. مان شاهدي ڏيان ٿو ته الله ڪانسواءِ ٻيو ڪو به معبود نه آهي ۽ مان شاهدي ڏيان ٿو ته **محمد** (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ) ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي.

## درود ابراهيم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّعَلٰٓی اٰلِ مُحَمَّدٍ کَمَا صَلَّیْتَ عَلٰٓی اِبْرٰھِیْمَ وَعَلٰٓی اٰلِ اِبْرٰھِیْمَ اِنَّکَ حَمِیْدٌ مَّجِیْدٌ ؕ اَللّٰھُمَّ بَارِکْ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّعَلٰٓی اٰلِ مُحَمَّدٍ کَمَا بَارَکْتَ عَلٰٓی اِبْرَاھِیْمَ وَعَلٰٓی اٰلِ اِبْرَاھِیْمَ اِنَّکَ حَمِیْدٌ مَّجِیْدٌ.

**ترجمو:** اي ا درود موڪل **محمد** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي ۽ ان جي آل تي جهڙي طرح تون درود موڪليو ابراهيم عليه السلام تي ۽ ان جي آل تي بيشڪ تون تعريف جي قابل ۽

برزگيءَ وارو آهين. اي الله برڪت نازل ڪر محمد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي ۽ ان جي آل تي جهڙي طرح تون برڪتون نازل ڪيون ابراهيم عليه السلام تي ۽ ان جي آل تي. بيشڪ تون تعريف جي قابل ۽ وڏي بزرگيءَ وارو آهين.

## حضرت ابراهيم عليه السلام جي دعا

رَبِّ اجۡعَلۡنِیۡ مُقِیۡمَ الصَّلٰوةِ وَمِنۡ ذُرِّیَّتِیۡ ۖۗ رَبَّنَا وَتَقَبَّلۡ دُعَآءِ ﴿۴۰﴾ رَبَّنَا اغۡفِرۡ لِیۡ وَلِوَالِدَیَّ وَلِلۡمُؤۡمِنِیۡنَ یَوۡمَ یَقُوۡمُ الۡحِسَابُ ﴿۴۱﴾

ترجمو: اي منهنجا رب مون کي نماز قائم ڪرڻ وارو بڻاءِ ۽ منهنجي اولاد کي به. اي اسان جا رب ۽ منهنجي دعا قبول فرماءِ. اي منهنجا رب مون کي بخش ۽ منهنجي پيءُ ماءُ کي ۽ ايمان وارن کي جنهن ڏينهن حساب ڪتاب قائم ٿيندو.

## دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جي دعا

رَبَّنَآ اٰتِنَا فِی الدُّنۡیَا حَسَنَةً وَّفِی الۡاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾

(سورة البقره، آيت: 201)

ترجمو: اي اسان جا رب اسان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلائي عطا ڪر ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.



## (4) حديث نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ

حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي قول، فعل ۽ تقرير کي حديث چئبو آهي.

**حديث (1):** إِذَا لَمْ تَسْتَحِيْ فَاصْنَعْ مَا شِئْتَ.

ترجمو: جڏهن توهان حياء نه ڪيو ته جيڪو وڻيو ڪريو.

(صحيح بخاري)

**حديث (2):** لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يُحِبَّ لِأَخِيْهِ مَا يُحِبُّ لِنَفْسِهٖ.

ترجمو: ڪو به ايستائين مؤمن نه ٿو ٿئي سگهي جيستائين پنهنجي ڀاءُ لاءِ اهو ساڳيو پسند نه ٿو ڪري جيڪو پنهنجي لاءِ ڪري ٿو. (صحيح بخاري)

**حديث (3):** اَنَا خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ لَا نَبِيَّ بَعْدِيْ.

ترجمو: آءُ آخري نبي آهيان مون کان بعد ڪوبه نبي (پيدا) نه ٿيندو.

(جامع ترمذي)

**حديث (4):** مَنْ غَشَّ فَلَيْسَ مِنِّيْ

ترجمو: جيڪو دوکو ڏئي اهو اسان منجهان نه آهي.

(صحيح مسلم)

**حديث (5):** لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ قَاطِعٌ.

ترجمو: مٽي مائٽي ڇنڻ وارو جنت ۾ نه ويندو. (صحيح مسلم)

**حديث (6):** مَنْ يُّحْرَمُ الرِّفْقَ يُحْرَمُ الْخَيْرَ كُلَّهٗ.

ترجمو: جيڪو شخص نرم عادت کان محروم رهيو اهو سموري ڀلائي کان محروم رهيو. (صحيح مسلم)

## (5) دعائون (زباني ياد ڪرڻ لاءِ)

الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ پنهنجن ٻانهن کي حڪم ڏنو آهي ته اهي پنهنجي ضرورت ۽ حاجت لاءِ ان کان دعا گهرن. الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته: جڏهن ڪو پڪارڻ وارو مون کي پڪاري ٿو ته مان ان جي دعا قبول ڪريان ٿو. (سورة البقرة آيت نمبر 186)

**سفر جي دعا:**

سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَمَا کُنَّا لَهٗ مُقۡرِنِیۡنَ ۙ وَاِنَّاۤ اِلٰی رَبِّنَا لَمُنۡقَلِبُوۡنَ.

(سورة الزخرف آيت نمبر 14، 13)

ترجمو: اها پاڪ ذات آهي جنهن هن (سواري) کي اسان جي تابع ڪيو ۽ اسان ۾ طاقت نه هئي ته ان کي پنهنجي وس ۾ ڪريون ۽ اسان پنهنجي پالڻهار طرف واپس موٽي وڃڻ وارا آهيون.

**گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا:**

اَللّٰهُمَّ إِنِّىۡ أَسۡأَلُكَ خَيۡرَ الۡمَوۡلَجِ، وَخَيۡرَ الۡمَخۡرَجِ، بِسۡمِ اللهِ وَلَجۡنَا، وَبِسۡمِ اللهِ خَرَجۡنَا، وَعَلَى اللهِ رَبِّنَا تَوَكَّلۡنَا. (سنن ابو دائود)

ترجمو: اي الله مان توکان گهر ۾ داخل ٿيڻ ۽ گهر کان نڪرڻ جي بهتري جو سوال ڪريان ٿو. الله تعاليٰ جي نالي سان اسان داخل ٿياسون ۽ الله تعاليٰ جي نالي سان ئي اسان نڪتاسون ۽ پنهنجي رب تي اسان ڀروسو ڪيو.

**گهر کان نڪرڻ جي دعا:**

بِسۡمِ اللهِ تَوَكَّلۡتُ عَلَى اللهِ لَا حَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللهِ. (سنن ابو دائود)

ترجمو: الله تعاليٰ جي نالي سان (نڪران ٿو) مون الله تعاليٰ تي ڀروسو ڪيو ۽ گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جي طاقت الله تعاليٰ جي ئي طرف کان آهي.



باب ٻيو

# ايمان ۽ عبادتون

## (الف) ايمان (1) آخرت تي ايمان

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: آخرت تي ايمان مان ڇا مراد آهي؟

جواب: آخرت تي ايمان آڻڻ مان مراد دنيا جي زندگيءَ کان پوءِ اچڻ واري زندگي آهي ان کان بعد قيامت قائم ٿيندي. ۽ دنيا ۾ اچڻ واري هر انسان کي ٻيهر زنده ڪيو ويندو ۽ هر هڪ کان حساب ڪتاب ورتو ويندو. ان ڳالهه تي ايمان آڻڻ هر مسلمان تي لازم آهي.

سوال2: ڪراماً ڪاتبين مان ڇا مراد آهي؟

جواب: پيارا ٻارو! هر انسان سان گڏ الله تعاليٰ ٻه ملائڪ لاڳو ڪيا آهن جن کي ڪراماً ڪاتبين چيو وڃي ٿو نيڪي جو ملائڪ ساڄي ڪلهي تي ۽ برا عمل لکڻ وارو کاٻي ڪلهي تي مقرر آهي قيامت جي ڏينهن اسان جا سمورا عمل هي ملائڪ الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ پيش ڪندا ۽ اسان کي دنيا ۾ ڪيل عملن جو حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو.

سوال3: جنت ۽ دوزخ جي باري ۾ توهان ڇا ٿا ڄاڻيو؟

جواب: جنت ۾ الله تعاليٰ جون نعمتون آهن. وڏا وڏا محل، سرسبز باغ، وڏا وڏا خوبصورت جبل، نديون، درياهه ۽ ٻيو ڪجهه الله تعاليٰ جنت ۾ تيار ڪري رکيا آهن. دوزخ تمام خطرناڪ ۽ خوفناڪ عذابن جي جاءِ آهي اسان کي هميشه الله تعاليٰ کان دوزخ کان پناهه گهرڻ گهرجي.

سوال4: دنيا آخرت جي کيتي آهي ان مان ڇا مراد آهي؟

جواب: دنيا آخرت جي کيتي آهي جو مطلب آهي تہ اسان دنيا ۾ جيڪي بہ ڪم ڪنداسين ان جو حساب آخرت ۾ ٿيندو تہ پوءِ اسان کي اهي ڪم ڪرڻ گهرجن جن سان آخرت ۾ ڪامياب ٿي جنت جا حقدار بڻجي سگهون ان لاءِ اسان کي پنهنجي زندگي اسلام مطابق گذارڻي پوندي. هي دنيا عمل ڪرڻ جي جاءِ آهي هن دنيا ۾ انسان جيڪو عمل ڪندو آخرت ۾ اهڙو ئي بدلو ملندو.

سوال5: اسان کي پنهنجي زندگيءَ جو فڪر ڪهڙي ريت ڪرڻ گهرجي؟

جواب: جيڪو انسان پنهنجي آخرت جو فڪر ڪندو اهو سموري زندگي سٺا عمل ڪندو گناهن کان بچندو صرف ۽ صرف الله تعاليٰ جي عبادت ڪندو هميشہ سچ ڳالهائيندو. ٻين سان سٺو سلوڪ ڪندو ضرورتمندن جي مدد ڪندو پنهنجي ماءُ پيءُ جو ادب ڪندو انهن جي فرمانبرداري ڪندو پنهنجي زندگي اسلام جي مطابق گذاريندو. نماز، روزي جي پابندي ۽ سنتن تي عمل ڪندو.

(2) **مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

1. جيڪڏهن ڪو مسلمان آخرت تي ايمان نہ ٿو رکي تہ ان جو ايمان ڪامل نہ ٿو ٿي سگهي.
2. آخرت مان مراد **قيامت** کان پوءِ اچڻ واري زندگي آهي.
3. سموري دنيا هڪ ڏينهن ختم ٿي ويندي ۽ **قيامت** قائم ٿيندي.
4. انسان دنيا ۾ جيڪي عمل ڪيا هوندا ان جو **بدلو** ڏنو ويندو.



5. جنهن ماڻهو دنيا ۾ **سٺا** عمل ڪيا هوندا ان کي الله تعاليٰ جنت عطا فرمائيندو.
6. جنهن ماڻهو دنيا ۾ خراب عمل ڪيا هوندا ان کي **دوزخ** ۾ وڌو ويندو.
7. جنت ۾ صرف مسلمان ۽ نيڪ **عمل** ڪرڻ وارا داخل ٿيندا.
8. هر ماڻهوءَ سان گڏ بہ ملائڪ هميشہ گڏ هوندا آهن. انهن کي **ڪراماً ڪاتبين** چوندا آهن.
9. هڪ ملائڪ ساڄي ڪلهي تي انسان جا **سٺا** عمل نوٽ ڪندو آهي.
10. ٻيو ملائڪ **کاٻي** ڪلهي تي انسان جا خراب عمل نوٽ ڪندو آهي.

3. **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ جواب "ها" يا "نہ" ۾ ڏيو:**

1. هميشہ نيڪي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. **(ها)**
2. پنج وقت باجماعت نماز ادا نہ ڪندس. **(نہ)**
3. پنهنجي ماءُ پيءُ کي تنگ ڪندس. **(نہ)**
4. ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائيندس. **(نہ)**
5. هميشہ هر حال ۾ سچ ناهي ڳالهائڻو. **(ها)**
6. سنتن تي عمل ڪرڻو آهي. **(ها)**
7. آخرت تي ايمان آڻڻ سان انسان جي اندر خوف خدا پيدا ٿيندو آهي. **(ها)**
8. آخرت ۾ ايمان آڻڻ سان دل جي اندر يقين پختو ٿئي ٿو تہ الله ڏسي رهيو آهي. **(ها)**
9. آخرت تي ايمان آڻڻ سان دل جي اندر يقين پختو ٿئي ٿو تہ ملائڪ منهجو اعمالنامو لکي رهيا آهن. **(ها)**
10. آخرت تي ايمان آڻڻ سان آخرت جي تياري ڪرڻ جو ذهن بڻجي ٿو. **(ها)**

**(4) پيارا ٻارو! هن سبق مان اسان ڇا سکيو ۽ اسان کي آخرت لاءِ هاڻي ڪهڙي تياري ڪرڻي آهي:**

1. اسان انشاء الله اڄ کانپوءِ ڪو به اهڙو ڪم نه ڪنداسين جنهن سبب اسان جنت ۾ نه وڃي سگهون.
2. اسان روزانو پنج وقت باجماعت نماز مسجد ۾ پهرين صف ۾ ادا ڪنداسين.
3. اسان ڪنهن انسان کي، پنهنجن دوستن کي، پنهنجن پائرن پيئرن کي تنگ نه ڪنداسين.
4. اڄ کانپوءِ اسان هميشه سچ ڳالهائينداسين ۽ ڪوڙ کان نفرت ڪنداسين ۽ وعده خلافي نه ڪنداسين.
5. اڄ کان پوءِ سموري زندگي سنتن تي عمل ڪنداسين.
6. اڄ کان پوءِ نيڪيءَ جا ڪم ڪنداسين، ٻين جي مدد ڪنداسين ۽ براين کان بچنداسين.
7. اڄ کان پوءِ ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏينداسين ۽ ٻين کي براين کان روڪينداسين.
8. اڄ کان پوءِ هر وقت اها ڳالهه ياد رکنداسين ته الله تعاليٰ اسان کي ڏسي رهيو آهي.
9. اڄ کان پوءِ پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڳالهه ٻڌنداسين ۽ انهن کي تنگ نه ڪنداسين.
10. اڄ کان پوءِ پنهنجي استاد جي ڳالهه مڃينداسين ۽ انهن جي عزت ڪنداسين.



**(5) ڪالم ملائي جملا مڪمل ڪريو:**

| | |
|---|---|
| جيڪڏهن ڪو مسلمان آخرت تي ايمان نه ٿو رکي | جنهن خراب عمل ڪيا هوندا ان کي دوزخ ۾ وڌو ويندو. |
| آخرت مان مراد دنيا کانپوءِ اچڻ واري | ان کي ساڄي هٿ ۾ اعمالنامو ڏنو ويندو. |
| حضرت آدم عليه السلام کان وٺي دنيا ۾ جيڪي | هوندو ان کي کاٻي هٿ ۾ اعمالنامو ڏنو ويندو. |
| ڪافرن جو ٺڪاڻو هميشه هميشه لاءِ ۽ | به انسان آيا انهن کي ٻيهر زنده ڪيو ويندو. |
| جنهن جا عمل نيڪ ۽ سنا هوندا | زندگي آهي جڏهن قيامت قائم ٿيندي. |
| جنهن جا عمل خراب هوندا ۽ گناهگار | ان جو ايمان ڪامل نه ٿو ٿي سگهي. |

## (2) عقيدو ختم نبوت ۽ اطاعت رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: عقيدي ختم نبوت مان ڇا مراد آهي؟

جواب: اسان کي سچي دل ۽ ڪامل يقين سان اها ڳالهه مضبوطيءَ سان سنڀالڻي آهي ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ الله تعاليٰ جا آخري نبي ۽ رسول آهن هاڻي قيامت تائين ٻيو ڪو به نبي ۽ رسول نه ايندو اهو ئي عقيدو ختم نبوت آهي.

سوال2: اطاعت رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اهميت تي روشني وجهو.

جواب: پيارا ٻارو! اسان جي زندگيءَ ۾ ڪاميابيءَ جو واحد رستو نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت آهي. اطاعت جي معنيٰ حڪم مڃڻ آهي. اطاعت پيروي ڪرڻ کي به چئبو آهي. اطاعت رسول جو مطلب آهي ته اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جيڪو به حڪم فرمايو آهي ان تي عمل ڪرڻ تمام ضروري آهي ۽ ان ۾ ئي اسان جي ڪاميابي آهي. قرآن پاڪ ۾ حڪم آهي ته جنهن نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ڪئي ان الله جي اطاعت ڪئي.

سوال3: سنت نبوي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي پيروي ڇو ضروري آهي؟

جواب: جيڪو شخص الله جو راضپو چاهي ٿو ان کي گهرجي ته اهو حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سنتن مطابق زندگي گذاري. جيڪي ڪم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي اهي ڪري ۽ جن ڪمن کان منع ڪئي وئي آهي انهن کان



بچي. الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ نماز، روزو، حج، زڪوات ۽ ٻين عبادتن جو حڪم ڏنو آهي. انهن سڀني عبادتن کي ادا ڪرڻ لاءِ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي طريقي کي اپنائينداسين ته الله جي رضا ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ملندي.

سوال4: عبادتن ۽ زندگي جي معاملن ۾ سنت نبوي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ اسان جي ڪهڙي طرح رهنمائي ڪري ٿي؟

جواب: قرآن پاڪ اسان کي نماز ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو ۽ نماز پڙهڻ لاءِ حضرت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سنت مطابق عمل ڪرڻو پوندو. اهڙي طرح سڀئي عبادتون حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سنت مطابق ادا ڪرڻ گهرجن. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مبارڪ زندگيءَ ۾ کائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ، ڳالهه ٻولهه ڪرڻ، واپار ڪرڻ ۽ عبادت ڪرڻ ۾ جيڪو طريقو اختيار ڪيو آهي اسان کي ان مطابق پنهنجي زندگي گذارڻ گهرجي.

سوال5: اسان جي زندگيءَ ۾ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اهميت ۽ عشق رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪهڙي اهميت آهي؟

جواب: حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو جنهن منهنجي اطاعت ڪئي اهو جنت ۾ داخل ٿي ويو ۽ جنهن منهنجي نافرماني ڪئي ڄڻ ته ان جنت ۾ وڃڻ کان انڪار ڪيو. اطاعت رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ لاءِ اسان کي سڀ کان پهريون حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت دل ۾ پيدا ڪرڻي پوندي. محبت رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو عملي نمونو اسان لاءِ صحابه ڪرام

رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمۡ جي زندگي آهي. صحابه پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا. پنهنجي سموري زندگي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪمن کي ادا ڪرڻ لاءِ بي چين رهندا هئا جيستائين پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي نه ڏسندا هئا ڪين آرام نه ايندو هو ايتري محبت ۽ عشق هو. الله تعاليٰ اسان کي محبت رسول ۽ عشق رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ عطا فرمائي.

(2) **مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

1. هاڻي هن دنيا ۾ حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪانپوءِ ڪو به نبي ۽ رسول **نه** تو اچي سگهي.
2. اسان جي پاري آقا حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي ان ڪري **خاتم النبيين** چوندا آهن.
3. اسان جي ڪاميابيءَ جو واحد رستو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي **اطاعت** ۾ آهي.
4. جنهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ڪئي ان الله تعاليٰ جي **اطاعت** ڪئي.
5. جيڪو شخص الله تعاليٰ جو راضپو چاهي ٿو ان کي گهرجي ته **سنت** مطابق پنهنجي زندگي گذاري.
6. جيڪي ڪم پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪيا ۽ انهن جو حڪم ڏنو انهن ڪمن کي **ادا** ڪرڻو آهي.
7. جن ڪمن کان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ منع فرمائي ۽ پاڻ به اهي نه ڪيا اهي ڪم **نه** ڪرڻا آهن.



(3) **ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو:**

| | |
|---|---|
| حضرت آدم عليه السلام دنيا ۾ | سڀ کان آخري نبي بڻجي آيا. |
| حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ دنيا ۾ | سڀ کان پهريان نبي بڻجي آيا. |
| هن دنيا ۾ حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ کان | دعويٰ ڪري ته اهو اسلام کان خارج ٿي ويندو. |
| جيڪڏهن ڪو شخص نبي ۽ رسول هجڻ جي | بعد ڪو به نبي ۽ رسول نه ايندو. |
| اطاعت جي معنيٰ حڪم مڃڻ ۽ | اسان جي نبي سڳوري صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي زندگي عملي نمونو آهي. |
| قرآن مجيد جي حڪمن تي عمل ڪرڻ لاءِ | اطاعت جو مطلب پيروي ڪرڻ آهي. |

(4) **پڙهو، سمجهو ۽ جواب "ها" يا "نه" ۾ ڏيو:**

1. جيڪڏهن ڪو شخص حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ کانپوءِ نبي ۽ رسول هجڻ جي دعويٰ ڪري ته ڇا اهو سچو آهي؟ **(نه)**
2. ڇا اسان جي ڪاميابيءَ جو رستو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ آهي؟ **(ها)**
3. ڇا صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمۡ ، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا؟ **(ها)**
4. ڇا الله تعاليٰ جي رضا ان ۾ اهي ته اسين پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سنت تي عمل ڪريون؟ **(ها)**

5. جنهن انسان ڪلمو پڙهيو مسلمان ٿيو پر سنتن تي عمل نہ ڪيو تہ ڇا ان جو ايمان ڪامل آهي؟ (نہ)
6. ڇا سنت نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ کان بغير قرآن مجيد جي حڪمن تي عمل ڪرڻ ممڪن آهي؟ (نہ)
7. ڇا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ جنهن منهنجي اطاعت ڪئي اهو جنت ۾ داخل ٿيندو؟ (ها)



# (ب) عبادتون

## (1) زڪوات

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: زڪوات جي معنيٰ ڇا آهي ۽ ان جي ڪهڙي اهميت آهي؟

جواب: زڪوات جي معنيٰ آهي پاڪ ٿيڻ، وڌڻ ويجهڻ. هي هڪ مالي عبادت آهي ۽ اسلام جو ٽيون اهم رڪن آهي. الله تعاليٰ جي عطا ڪيل معاشي نظام ۾ زڪوات کي بنيادي اهميت حاصل آهي.

سوال2: قرآن ۽ سنت جي روشني ۾ زڪوات جي اهميت ۽ حڪم واضح ڪريو؟

جواب: زڪوات جي اهميت جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ قرآن پاڪ ۾ مختلف جڳهن تي نماز سان گڏوگڏ زڪوات جو حڪم بہ ڏنو ويو آهي. جيئن تہ نماز مسلمان جي جسماني عبادت آهي ۽ زڪوات مسلمان جي مالي عبادت آهي.

سوال3: زڪوات جي لغوي معنيٰ ڇا آهي ۽ هن سان مسلمان جي دل مان مال جي محبت ڪيئن ختم ٿئي ٿي؟

جواب: زڪوات جي لغوي معنيٰ پاڪ ڪرڻ آهي. ان ڪري جيڪو انسان زڪوات ادا ڪري ٿو اهو خدا جي حڪم مطابق نہ صرف پنهنجي مال کي پاڪ ڪري ٿو پر ان جي ذريعي پنهنجي دل کي دولت جي هوس کان پاڪ ڪري ٿو ۽ دولت جي مقابلي ۾ الله تعاليٰ جي محبت کي دل ۾ جاءِ ڏئي ٿو ۽ الله تعاليٰ جي حڪم تي ئي پنهنجي مال کي الله جي راهہ ۾ خرچ ڪري ٿو.

سوال4: زڪوات ڪنهن تي ۽ ڪڏهن فرض ٿئي ٿي؟

جواب: زڪوات هر عاقل بالغ ۽ صاحب نصاب مسلمان تي فرض آهي، صاحب نصاب ان ماڻهوءَ کي چئجي ٿو جنهن وٽ هڪ خاص مقدار ۾ مال ضرورت کان وڌيڪ هجي ۽ ان مال کي هڪ سال جو عرصو به گذري ويو هجي. اهڙي طرح هر سال گذرڻ کانپوءِ صاحب نصاب تي زڪوات فرض ٿئي ٿي.

سوال5: زڪوات ڪنهن کي ڏئي سگهجي ٿي ۽ ڪهڙي طرح ادا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: زڪوات جا مستحق معاشري ۾ مسلمان فقير، غريب، مسڪين، مسافر، قرضدار، الله جي راهه ۾ جهاد ڪندڙ مجاهد، ديني مدرسا، فلاحي ادارا وغيره آهن. زڪوات ادا ڪرڻ وقت ان ڳالهه جو خيال رکجي ته حقدار کي ئي ادا ڪري سگهجي ٿي. سامهون واري جي عزت نفس به مجروح نه ٿئي ۽ خاموشيءَ سان محبت سان الله تعاليٰ کان قبول ڪرڻ جي دعا گهرندي ادا ڪجي ۽ نمائش کان بچجي.

سوال6: زڪوات جا ڪجهه فائدا ۽ معاشري تي ان جا اثر لکو.

جواب: زڪوات ادا ڪرڻ سان الله تعاليٰ جو راضپو حاصل ٿئي ٿو. زڪوات ادا ڪرڻ سان ماڻهو وٽ جيڪو مال آهي اهو پاڪ صاف ٿئي ٿو. زڪوات ادا ڪرڻ سان ظاهر ۾ مال ۾ گهٽتائي محسوس ٿئي ٿي پر حقيقت ۾ مال ۾ بيشمار برڪتون شامل ٿي وڃن ٿيون. زڪوات ادا ڪرڻ سان ماڻهو جي دل مان مال جي محبت ختم ٿي وڃي ٿي. زڪوات ادا ڪرڻ سان انسانن جي پاڻ ۾ محبت وڌي ٿي



زڪوات ادا ڪرڻ سان معاشري جي غريب طبقي مان غربت ختم ٿئي ٿي.

(2) **مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

1. نماز جسماني عبادت آهي ۽ زڪوات **مالي** عبادت آهي.
2. زڪوات جي لغوي معنيٰ پاڪ ڪرڻ آهي ۽ زڪوات ادا ڪرڻ سان مسلمان پنهنجو مال **پاڪ** ڪري ٿو.
3. **زڪوات** الله تعاليٰ جي حڪم مطابق غريبن ۾ ورهائي وڃي.
4. زڪوات هر عاقل بالغ آزاد مسلمان **صاحب نصاب** تي فرض آهي.
5. الله تعاليٰ جي راهه ۾ مال خرچ ڪرڻ هڪ **افضل** عبادت آهي.
6. سال گذرڻ بعد ضرورت کان وڌيڪ سموري مال تي **اڍائي في سيڪڙو** زڪوات ادا ڪرڻي پوندي.
7. زڪوات فقيرن، مسڪينن، مسافر، قرضدار، مدرسن ۽ فلاحي ادارن کي **ڏئي** سگهجي ٿي.

# (2) جمعة المبارڪ

## مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: جمعي جي ڏينهن جي اسلام ۾ اهميت کي بيان ڪريو؟

جواب: اسلام ۾ جمعة المبارڪ کي خاص اهميت حاصل آهي. جمعة المبارڪ هفتي جي سيني ڏينهن کان افضل آهي. جمعي کي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سيدالايام يعني ڏينهن جو سردار قرار ڏنو آهي.

سوال2: جمعي نماز جي فضيلت بابت ٻڌايو؟

جواب: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن غسل ڪري پاڪائي حاصل ڪري ننهن ڪٽي، تيل وجهي ۽ خوشبو لڳائي پوءِ گهر کان جمعي نماز لاءِ مسجد ۾ داخل ٿي امام صاحب جي خطبي کي خاموشيءَ سان ٻڌي ۽ جمعي نماز ادا ڪري ته ان جا اهي گناهه جيڪي ان جي هن جمعي ۽ پوئين جمعي جي وچ ۾ ٿيا اهي بخش ڪيا ويندا.

سوال3: جمعي جي ڏينهن درود پاڪ پڙهڻ جي ڪهڙي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي؟

جواب: جمعي جي ڏينهن کي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سيدالايام يعني ڏينهن جو سردار قرار ڏنو آهي. جمعي جي ڏينهن الله تعاليٰ طرفان خاص رحمتون ۽ برڪتون نازل ٿين ٿيون. جمعي جي ڏينهن تي خاص درود شريف پڙهڻ جون بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون بيان ڪيون ويون آهن. جمعي جي رات کان وٺي جمعي جي ڏينهن تائين درود شريف جي ڪثرت ڪرڻ گهرجي جمعي جي ڏينهن امتي جو درود شريف حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پاڻ ٻڌندا آهن.



سوال4: جمعي نماز جا معاشرتي فائدا بيان ڪريو.

جواب: جمعي نماز ۾ سڀ مسلمان هڪ جاءِ تي ۽ هڪ ئي وقت ۾ گڏ ٿي جمعي نماز پڙهندا آهن ان سان مسلمانن ۾ اتحاد جي فضا قائم ٿئي ٿي. مسلمانن جي پاڻ ۾ ملاقات به ٿئي ٿي ان سان محبت به وڌي ٿي تعلقات به مضبوط ٿين ٿا. جمعي نماز کان اڳ ۾ امام صاحب تقرير ڪندو آهي ان سان اسان کي ديني معلومات ۽ شرعي مسئلن بابت آگاهي ملي ٿي.

سوال5: جمعي نماز جي آدابن بابت توهان کي ڪهڙي خبر آهي؟

جواب: جمعي نماز جمعي جي ڏينهن ٻپهري جي نماز بدران ٻه رڪعتون باجماعت پڙهبي آهي. جمعي نماز کان اڳ ۾ خطبو ۽ خطبي کان اڳ ۾ امام صاحب تقرير ڪندو آهي. جمعي نماز هر عاقل بالغ، صحتمند مقيم مسلمان تي فرض آهي. جمعي نماز لاءِ سڀ کان پهريون مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي وڏي فضيلت آهي. ڪوشش ڪريو ته پهرين صف ۾ باجماعت نماز ادا ڪريو ان جي به فضيلت آهي. دير سان اچڻ جي صورت ۾ جتي جاءِ ملي اتي ئي جمعي نماز پڙهجي ماڻهن جي ڪلهن تان گذرڻ ادب جي خلاف آهي. جڏهن جمعي نماز جو پهريون آذان ٿئي ته خريد ۽ وڪرو ڪرڻ کان منع فرمائي وئي آهي.

سوال6: جمعي نماز ادا ڪرڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟

جواب: جمعي نماز ۾ 14 رڪعتون آهن 4 سنت مؤڪده پهريون ادا ڪبيون آهن پوءِ امام صاحب خطبو ڏيندو آهي خطبي کانپوءِ 2 رڪعتون فرض باجماعت ادا ڪبيون آهن فرض کانپوءِ 4 رڪعتون سنت مؤڪده پوءِ 2 رڪعتون سنت مؤڪده ۽ پوءِ 2 رڪعتون نفل ادا ڪيا ويندا آهن.

(2) **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ جواب "ها" يا "نہ" ۾ ڏيو:**

1. جمعي نماز ٻپهري جي وقت ادا ڪئي ويندي آهي. **(ها)**
2. جمعي نماز ۾ 2 آذانون ڏنيون ويندين آهن. **(ها)**
3. جمعي نماز هفتي ۾ هڪ دفعو پڙهي ويندي آهي. **(ها)**
4. جمعي نماز ۾ ٻہ رڪعتون فرض ادا ڪئي ويندي آهي. **(ها)**
5. ڇنڇر جي ڏينهن کي سيد الايام قرار ڏنو ويو آهي. **(نہ)**
6. جمعي نماز ۾ خطبي دوران خاموشي اختيار ڪئي وڃي. **(ها)**
7. جمعي نماز جي تياري لاءِ غسل ڪري پاڪائي حاصل ڪرڻ گهرجي. **(ها)**
8. جمعي جي ڏينهن ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ گهرجي. **(ها)**
9. جمعي نماز ۾ فرض ، سنت ۽ نفل ملائي 10 رڪعتون آهن. **(نہ)**
10. جمعي نماز هر عاقل بالغ صحتمند مقيم مسلمان تي فرض آهي. **(ها)**

(3) **پيارا ٻارو! توهان جمعي جي ڏينن جي آدابن بابت ڪهڙي معلومات سکي ان کي پنهنجي لفظن ۾ لکو.**

اسلام ۾ جمعي جي ڏينهن کي خاص فضيلت حاصل آهي. جمعي جي ڏينهن کي سيد الايام يعني ڏينهن جو سردار سڏيو وڃي ٿو. جمعي جي ڏينهن تي خاص درود پڙهڻ سان تمام گهڻيون نيڪيون ۽ اجر ملي ٿو. جمعي جي ڏينهن تي خاص نماز جمعي نماز پڙهبي آهي.



(4) **ٻن حصن کي ملائي جملا مڪمل ڪريو:**

| | |
|---|---|
| جمعي جي ڏينهن مسلمانن جي | ۽ برڪتون نازل ٿين ٿيون. |
| جمعي جي ڏينهن الله تعاليٰ جون خاص رحمتون | بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن. |
| جمعي جي ڏينهن خاص درود شريف پڙهڻ جون | ادا نہ ڪرڻ تمام وڏو گناهہ آهي. |
| جاڻي ٻجهي جمعي نماز | گڏ ٿيڻ تي اتحاد جي فضا قائم ٿئي ٿي. |
| جمعي جي ڏينهن خطبي دوران | خريد ۽ وڪرو ڪرڻ کان منع ڪئي وئي آهي. |
| جمعي جو پهريون آذان ٿيڻ ڪانپوءِ | خاموشي اختيار ڪرڻ گهرجي. |

## (3) عيدون

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: عيدين مان ڇا مراد آهي؟

جواب: عيد عربي ٻوليءَ جولفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي خوشي ۽ عيدين جو مطلب آهي ٻه خوشيون يعني ٻه عيدون عيدالفطر ۽ عيدالاضحيٰ. دين اسلام مسلمانن کي سال ۾ خوشيون ملهائڻ جا ڪيترائي موقعا مهيا ڪري ٿو.

سوال2: عيدالفطر ڪڏهن ۽ ڇو ملهائي ويندي آهي؟

جواب: عيدالفطر رمضان جا روزا مڪمل ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ هر سال پهرين شوال المڪرم تي ملهائي ويندي آهي. عيدالفطر رمضان شريف ۾ روزا رکڻ ۽ عبادت ڪرڻ جو انعام آهي. مسلمان خوشيءَ جي موقعي تي عيد نماز ادا ڪري الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪندا آهن. عيد نماز کان اڳ ڪجهه منو کائڻ سنت آهي. عيد نماز سج نڪرڻ کان پوءِ ادا ڪئي ويندي آهي.

سوال3: فطري مان ڇا مراد آهي؟

جواب: فطرو عيد جي خوشيءَ جي موقعي تي پنهنجي مسلمان غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي مدد ڪرڻ کي چئجي ٿو. پهرين رمضان کان عيد نماز کان اڳ تائين فطرو ادا ڪرڻ گهرجي ته جيئن غريبن جي ڪم اچي سگهي ۽ اهي به عيد جي خوشين ۾ شامل ٿي سگهن.

سوال4: عيدالاضحيٰ ڪڏهن ۽ ڇو ملهائي ويندي آهي؟

جواب: عيدالاضحيٰ ٻاڪري عيد کي چوندا آهن. هي عيد 10 ذوالحج جي ڏينهن تي هر سال ملهائي ويندي آهي. ان ڏينهن الله تعاليٰ جي پياري نبي حضرت ابراهيم عليه



السلام الله جي حڪم سان پنهنجي پياري پٽ کي قرباني لاءِ پيش ڪيو ۽ الله تعاليٰ اها قرباني قبول ڪئي ۽ جنت مان هڪ گهيٽو موڪليو پوءِ حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي پٽ جي بدران گهيٽي کي قربان ڪيو. ان ڏينهن جي ياد ۾ مسلمان هن ڏينهن تي عيدالاضحيٰ يعني ٻاڪري عيد ملهائيندا آهن.

سوال5: ٻاڪري عيد تي قرباني ڇو ڪئي ويندي آهي؟

جواب: ٻاڪري عيد تي قرباني ڪرڻ حضرت ابراهيم عليه السلام جي سنت آهي ۽ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن به الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ قرباني پيش ڪئي. ان جو تمام گهڻو اجر ۽ ثواب آهي. عيد نماز کانپوءِ قرباني جو گوشت پچائي کائڻ سنت مبارڪ آهي.

سوال6: قرباني جو ڪهڙو فائدو آهي؟

جواب: الله تعاليٰ خلوص سان ڪيل قربانيءَ کي قبول ڪندو آهي. قرباني جو تمام گهڻو اجر ۽ ثواب آهي، قرباني مسلمانن جي دلين ۾ اهو جذبو پيدا ڪندي آهي جو الله تعاليٰ جي خاطر اسان هر وقت ڪنهن به قسم جي قرباني پيش ڪرڻ لاءِ تيار رهندا آهيون. قرباني جو گوشت غريبن، مسڪينن ۽ پنهنجي مائٽن ۾ ورهائڻ گهرجي ته جيئن اهي به عيد جي خوشين ۾ شريڪ ٿي سگهن.

سوال7: عيد جي ڏينهن عيد نماز جا ڪهڙا آداب آهن؟

جواب: عيد جا آداب هي آهن ته عيد جي ڏينهن غسل ڪرڻ گهرجي. ٿي سگهي ته نوان ڪپڙا پائجن ۽ خوشبو لڳائي عيد نماز پڙهڻ لاءِ باوضو ٿي وڃجي. وڃڻ مهل ڪوشش ڪجي ته هڪ رستي کان وڃڻ گهرجي ۽ ٻئي رستي کان

واپس موٽڻ گهرجي. رستي ۾ تڪبيرون پڙهڻ گهرجن ته جيئن رستي ۾ هلندي هر قدم تي نيڪي ملندي رهي.

سوال8: عيد نماز پڙهڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟

جواب: عيد نماز لاءِ نه آذان ڏني ويندي آهي ۽ نه ئي تڪبير چئي ويندي آهي. هي نماز سج نڪرڻ ڪانپوءِ ادا ڪئي ويندي آهي هن نماز ۾ صرف ٻه رڪعتون واجب ڇهن وڌيڪ تڪبيرن سان پڙهبيون آهن. هن ۾ ڪابه سنت ۽ نفل وغيره نه پڙهبا آهن. ان ڪانپوءِ امام صاحب خطبو ڏيندو آهي ۽ اجتماعي دعا ٿيندي آهي. ان ڪانپوءِ ماڻهو هڪ ٻئي سان ملاقات ڪندا ۽ عيد جي مبارڪ ڏيندا آهن.

سوال9: عيد نماز جا سماجي فائدا بيان ڪريو:

جواب: عيد نماز ۾ سڀ مسلمان هڪ هنڌ گڏ ٿي نماز ادا ڪندا آهن ان سان محبت، اتفاق ۽ اتحاد قائم ٿئي ٿو. نماز ڪانپوءِ ماڻهو هڪ ٻئي سان ملي مبارڪ ڏيندا آهن ان سان محبت وڌندي آهي. عيد جي ڏينهن مسلمان پنهنجن مٽن مائٽن سان ملاقاتون ڪندا آهن، دوستن سان ملندا آهن مبارڪون ڏيندا آهن گڏجي ماني کائيندا آهن ان سان رشتو ۽ تعلق مضبوط ٿيندو آهي.

**(2) غور سان پڙهو، سمجهو ۽ جواب ”ها“ يا ”نه“ ۾ ڏيو:**

1. عيدالفطر رمضان شريف جا روزا رکڻ جي خوشي ۾ انعام طور ملهائي ويندي آهي؟ **(ها)**
2. عيد نماز جي آذان ڏني ويندي آهي؟ **(نه)**
3. عيد نماز ۾ چار رڪعتون پڙهيون وينديون آهن؟ **(نه)**
4. عيد نماز گهر ۾ پڙهي سگهجي ٿي؟ **(نه)**
5. عيد نماز صبح جي نماز کان اڳ ۾ پڙهي سگهون ٿا؟ **(نه)**



6. عيد ڪائڻ پيئڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جو نالو آهي؟ **(نه)**
7. عيد واري ڏينهن روزو رکي سگهون ٿا؟ **(نه)**
8. عيد نمازکان اڳ ۾ فطرو ڏيندا آهيون؟ **(ها)**
9. ٻاڪري عيد تي نماز کان اڳ ۾ قرباني ڪري سگهون ٿا؟ **(نه)**
10. عيد نماز کان اڳ امام صاحب خطبو ڏيندو آهي؟ **(نه)**

**(3) مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

1. عيد عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي.
2. عيد جي معنيٰ خوشي ۽ عيدين جو مطلب ٻه خوشيون.
3. عيدالفطر هر سال پهرين شوال المڪرم تي ملهائي ويندي آهي.
4. عيدالفطر تي عيد واري ڏينهن عيد نماز کان اڳ ۾ فطرو ادا ڪيو ويندو آهي.
5. عيدالاضحيٰ هر سال ذوالحج مهيني جي ڏهين تاريخ تي ملهائي ويندي آهي.
6. عيدالضحيٰ جي نماز ڪانپوءِ ماڻهو الله جي بارگاهه ۾ قرباني پيش ڪندا آهن.

باب ٽيون

# سيرت طيبه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

## (1) معراج النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: معراج جي سفر بابت توهان ڇا ڄاڻيو؟

جواب: معراج مان مراد اهو سفر آهي جنهن ۾ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مسجد الحرام کان مسجد اقصيٰ تائين ۽ پوءِ مسجد اقصيٰ کان آسمانن تائين جو سير ڪيو ان سفر کي معراج جو سفر چيو ويندو آهي.

سوال2: معراج جو واقعو ڪڏهن پيش آيو؟

جواب: معراج جو واقعو هجرت کان پنج سال اڳ 27 رجب تي پيش آيو. ان وقت پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي پڦات ام هاني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي گهر ۾ آرام فرمائي رهيا هئا.

سوال3: معراج جو سفر اسان جي نبي سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي ڇو ڪرايو ويو؟

جواب: معراج جي سفر ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي آسمانن جو سير ڪرايو ويو. نبين سڳورن عليهم السلام سان ملاقات ڪرائي وئي. سدرة المنتهيٰ ۽ بيت المعمور جي زيارت ڪرائي وئي ۽ سڀ کان وڌيڪ ته الله جو ديدار ۽ ملاقات نصيب ٿي ۽ امت لاءِ پنجن نمازن جو تحفو مليو جنت ۽ دوزخ ڏيکاري وئي.

سوال4: معراج جي سفر جو قرآن پاڪ ۾ ڪهڙي سيپاري ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي؟



جواب: معراج جي واقعي جو پندرهين سيپاري جي سورت بني اسرائيل جي پهرين آيت ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ان جو خلاصو هن طرح آهي ته پاڪ آهي اها ذات جنهن هڪ رات ۾ پنهنجي خاص ٻانهي کي مسجد الحرام کان مسجد اقصيٰ تائين ۽ مسجد اقصيٰ کان آسمانن تائين جو سير ڪرايو ته جيئن الله تعاليٰ جون نشانيون ڏسي سگهي.

سوال5: سدرة المنتهيٰ جي باري ۾ ٻڌايو؟

جواب: سدرة المنتهيٰ ستين آسمان ڪانپوءِ آهي هتان کان اڳيان ملائڪ به نه ٿا وڃي سگهن. هتان کان عرش معليٰ تائين پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن اڪيلو سفر ڪيو ۽ الله تعاليٰ جو ديدار ڪيو.

سوال6: بيت المعمور ڪهڙي جاءِ آهي؟

جواب: بيت المعمور ڪعبة الله جي سڌ ۾ ستين آسمان تي آهي. هتي صرف ملائڪ طواف ڪندا آهن.

سوال7: معراج جي سفر بابت ڄاڻڻ ڪانپوءِ ڪافرن جو ردعمل ڪهڙو هو؟

جواب: معراج جي سفر بابت جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ماڻهن سان ذڪر ڪيو ته مڪي جي ڪافرن ان ڳالهه تي يقين ڪو نه ڪيو ۽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي چوڻ لڳا ته حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ هڪ رات ۾ مسجد الحرام کان مسجد اقصيٰ تائين ۽ آسمانن جي سير يعني معراج جي سفر ۾ ذڪر ڪري رهيا آهن اهو هڪ رات ۾ ڪيئن ٿو ٿي سگهي. حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو جيڪڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ائين فرمايو آهي ته مان ان جي تصديق ڪريان ٿو انهن سچ فرمايو آهي.

**سوال8:** ڇا معراج جو سفر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو معجزو آهي؟

**جواب:** جي ها معراج جو سفر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو هڪ اعليٰ معجزو آهي. معجزو ان ڪم کي چئبو آهي جيڪو سمجهه ۾ نه اچي. هي سفر الله تعاليٰ جي قدرت ۽ مهربانيءَ سان ٿيو. الله تعاليٰ چاهي جهڙي طرح چاهي وقت کي ۽ فاصلن کي ويڙهي سگهي ٿو.

**سوال9:** معراج جي سفر مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي امت لاءِ ڪهڙو تحفو مليو؟

**جواب:** معراج جي سفر مان اسان کي اهو سبق ملي ٿو ته الله تعاليٰ پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجو ديدار ڪرائي پنهنجي قدرت جون نشانيون ڏيکاريون ۽ اسان گناهگار امت کي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ معراج جي سفر ۾ به ياد رکيو ۽ الله تعاليٰ وٽان پنجن نمازن جو تحفو اسان لاءِ آندائون ان ڪري ته چئبو آهي ته نماز مؤمنن جو معراج آهي. نماز جنت جي ڪنجي آهي. الله تعاليٰ اسان کي نمازن جي پابندي ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي آمين.

(2) **هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. معراج وارو واقعو هجرت کان پنج سال اڳ ______ تي پيش آيو.
   (الف) 10 ذوالحج (ب) پهرين شوال ✓ (ج) 27 رجب
2. معراج جي سفر ۾ اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي ______ جو سير ڪرايو ويو.
   ✓ (الف) آسمانن (ب) زمينن (ج) هوائن



3. معراج جي سفر ۾ مسجد اقصيٰ ۾ سڀني ______ جي امامت ڪرڻ فرمائي.
   (الف) ملائڪن (ب) جنن ✓ (ج) نبين
4. معراج جي واقعي جو قرآن پاڪ جي ______ سيپاري ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.
   (الف) پهرين (ب) ڏهين ✓ (ج) پندرهين
5. بيت المعمور ڪعبة الله جي سڌ ۾ مٿي ______ آسمانن تي آهي.
   (الف) پنجين (ب) ڇهين ✓ (ج) ستين
6. سدرة المنتهيٰ ستن آسمانن کان پوءِ آهي هتان کان اڳيان ______ به نه ٿا وڃي سگهن.
   (الف) انسانن (ب) جن ✓ (ج) ملائڪ
7. مڪي جي ڪافرن جي سامهون جڏهن معراج جي سفر جو ذڪر ڪيو ويو ته انهن ______ نه ڪيو.
   (الف) انڪار (ب) سنو ✓ (ج) يقين
8. معراج جي سفر مان پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي امت لاءِ ______ جو تحفو آندو.
   ✓ (الف) نمازن (ب) روزن (ج) حج
9. معراج جي سفر ۾ الله تعاليٰ پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي قدرت جون ______ ڏيکاريون.
   (الف) جنت (ب) دوزخ ✓(ج) نشانيون
10. دراصل معراج جو سفر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو تمام زبردست ______ آهي.
   ✓ (الف) معجزو (ب) ڪرامت (ج) ولديت

(3) **پيارا ٻارو! معراج جي سفر ۾ پاڻ سڳورن** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ **جن جي آسمانن تي مختلف نبين سڳورن عليهم السلام سان ملاقات ٿي. انهن مان ڪهڙي نبيءَ سان ڪهڙي آسمان تي ملاقات ٿي؟**

1. سڀ کان پهرين آسمان تي **حضرت آدم عليه السلام** سان ملاقات ٿي.
2. ٻئين آسمان تي **حضرت يحيٰي عليه السلام** ۽ **حضرت عيسيٰ عليه السلام** سان ملاقات ٿي. .
3. حضرت يوسف عليه السلام سان **ٽئين** آسمان تي ملاقات ٿي.
4. حضرت ابراهيم عليه السلام سان **ستين** آسمان تي ملاقات ٿي.
5. چوٿين آسمان تي **حضرت ادريس عليه السلام** سان ملاقات ٿي.
6. حضرت موسيٰ عليه السلام سان **ڇهين** آسمان تي ملاقات ٿي.
7. ڇهين آسمان تي **حضرت موسيٰ عليه السلام** سان ملاقات ٿي.
8. حضرت هارون عليه السلام سان **پنجين** آسمان تي ملاقات ٿي.





## (2) بيعت عقبه (پهرين ۽ ٻئين)

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ حج جي موقعي تي اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ ڪيڏانهن ويندا هئا؟

جواب: پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ حج جي موقعي تي منيٰ جي ميدان ۾ عقبہ جي جڳهه تي ٻاهران آيل حاجين کي دين اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ ويندا هئا.

سوال2: مديني منوره کان آيل سيني کان پهريون ڪيترن ماڻهن اسلام قبول ڪيو؟

جواب: نبوت جي يارهين سال منيٰ جي ميدان ۾ عقبيٰ جي جاءِ تي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مديني کان آيل ڇهن ماڻهن سان ملاقات ڪئي. انهن ماڻهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ بابت اڳ ۾ ئي ٻڌو هو. جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ انهن کي اسلام جي دعوت ڏني ته انهن هڪدم قبول ڪئي.

سوال3: نبوت جي ٻارهين سال به حج جي موقعي تي ڪيترن ماڻهن اسلام قبول ڪيو؟

جواب: گذريل سال وانگر هن سال مديني منوره کان ٻارهن ماڻهو آيا انهن ۾ ڪجهه پوئين سال وارا ۽ ڪجهه نوان ماڻهو شامل هئا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن انهن کي اسلام جي دعوت به ڏني ۽ انهن کان بيعت به ورتي.

سوال4: بيعت مان ڇا مراد آهي؟

جواب: بيعت جو مطلب آهي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ.

سوال5: بيعت عقبيٰ (پهرين) مان ڇا مراد آهي ۽ ان ۾ ڪهڙو عهد ورتو ويو هو؟

جواب: بيعت عقبيٰ (پهرين) مان مراد نبوت جي ٻارهين سال ۾ جن ٻارهن ماڻهن کان بيعت ورتي وئي ۽ انهن کان عهد ورتو ويو.

1. اسين الله تعاليٰ سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪنداسين.
2. چوري نہ ڪنداسين.
3. پنهنجي اولاد کي قتل نہ ڪنداسين.
4. ڪنهن تي بهتان نہ هڻنداسين.
5. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪنداسين.

سوال6: بيعت وٺڻ کانپوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڇا فرمايو؟

جواب: بيعت وٺڻ کانپوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ جنهن بيعت جي پابندي ڪئي تہ ان لاءِ جنت آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن انهن ڳالهين ۾ خيانت ڪئي تہ ان جو معاملو الله جي حوالي آهي.

سوال7: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن انهن ٻارهن ماڻهن منجهان ڪنهن کي امير مقرر ڪيو ۽ ڪنهن کي انهن سان گڏ مديني منوره ڏانهن موڪليو؟

جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ انهن ٻارهن ماڻهن کي رخصت ڪرڻ مهل انهن منجهان هڪ ماڻهوءَ حضرت اسعد بن زراره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ کي انهن جو امير مقرر ڪيو ۽ انهن سان گڏ حضرت مصعب بن عمير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ کي مديني منوره ڏانهن موڪليو تہ جيئن دين اسلام جي دعوت جي ڪم ۾ واڌارو ٿئي سگهي.



سوال8: نبوت جي تيرهين سال ڪيترا ماڻهو مديني شريف کان آيا؟

جواب: سال مديني منوره کان 75 ماڻهو آيا انهن ۾ ٻہ عورتون بہ شامل هيون.

سوال9: عقبہ (ٻئين) مان ڇا مراد آهي؟

جواب: بيعت عقبہ ثاني نبوت جي تيرهين سال جيڪي 75 ماڻهو مديني منوره کان آيا انهن کان جيڪو عهد ورتو ويو ان ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۽ اسلام جي حفاظت جو عهد ورتو ويو.

سوال10: اهل مدينہ يعني مديني جي ماڻهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي مديني منوره اچڻ جي دعوت پيش ڪئي تہ پاڻ اهل مدينہ کي ڪهڙن لفظن ۾ تسلي ڏنائون؟

جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مسڪرائيندي فرمايو اي اهل مدينہ منهنجو جيئڻ مرڻ توهان سان آهي توهان جو خون منهنجو خون آهي توهان منهنجا آهيو ۽ مان توهان جو آهيان.

سوال11: بيعت عقبہ پهرين ۽ ٻئين سان ڪهڙو فائدو ٿيو؟

جواب: ان بيعت مان سڀ کان وڏو فائدو اهو ٿيو تہ مديني منوره ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي هجرت کان اڳ ئي ڪيترن ماڻهن اسلام قبول ڪيو هو ۽ هڪ اهڙو وقت آيو تہ مدينو شريف اسلام جو مضبوط قلعو بڻيو ۽ پهرين اسلامي رياست قائم ٿي.

(2) **هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. نبوت جي ______ سال مديني منوره کان اچڻ وارن ڇهن ماڻهن اسلام قبول ڪيو.
✓ (الف) يارهين (ب) ٻارهين (ج) تيرهين

2. نبوت جي ______ سال مديني منوره کان اچڻ وارن ٻارهن ماڻهن اسلام قبول ڪيو.
(الف) يارهين ✓ (ب) ٻارهين (ج) تيرهين

3. نبوت جي ______ سال مديني منوره کان اچڻ وارن 75 ماڻهن اسلام قبول ڪيو انهن ۾ ٻه عورتون به شامل هيون.
(الف) يارهين (ب) ٻارهين ✓ (ج) تيرهين

4. بيعت عقبه اوليٰ نبوت جي ______ سال ۾ ٿي.
(الف) يارهين ✓ (ب) ٻارهين (ج) تيرهين

5. بيعت عقبه ثانيه نبوت جي ______ سال ۾ ٿي.
(الف) يارهين (ب) ٻارهين ✓ (ج) تيرهين

6. بيعت عقبه پهرين ڪانپوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن مبلغ جي طور تي ______ کي انهن سان گڏ موڪليو.
✓ (الف) حضرت مصعب بن عمير رَضِيَ اللهُ تَعَالَىٰ عَنْهُ
(ب) حضرت سعد بن زراره رَضِيَ اللهُ تَعَالَىٰ عَنْهُ
(ج) حضرت سعد بن معاذ رَضِيَ اللهُ تَعَالَىٰ عَنْهُ

7. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن مسڪرائيندي فرمايو منهنجو ______ توهان سان آهي.
✓ (الف) جيئڻ مرڻ (ب) کائڻ پيئڻ (ج) خون

8. پوءِ هڪ اهڙو وقت آيو ته مدينو شريف ______ جو هڪ مضبوط قلعو ۽ اسلامي رياست بڻيو.
✓ (الف) اسلام (ب) ڪافرن (ج) يهودين



## (3) مديني ڏانهن هجرت

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: هجرت جي معنيٰ ڇا آهي ۽ مديني ڏانهن هجرت ڇو ڪئي وئي؟

جواب: هجرت جي لفظي معنيٰ آهي پنهنجو علائقو يا وطن ڇڏي ڪنهن ٻئي جاءِ تي وڃي آباد ٿيڻ. نبوت جي تيرهين سال مسلمانن جي تعداد ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيڻ سبب مڪي جي ڪافرن جي ظلم ۽ ستم ۾ به ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيڻ لڳو هو. هڪ وقت اهڙو آيو جو مڪي جا ڪافر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن جا جاني دشمن بڻجي ويا اهڙي حالت ۾ مديني ڏانهن هجرت ڪئي وئي.

سوال2: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن امانتون ڪنهن جي حوالي ڪيون؟

جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن وٽ مڪي جي ڪجهه ماڻهن جون امانتون رکيل هيون. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن اهي حضرت علي ڪرم الله وجهه جي حوالي ڪيون ۽ فرمايائون ته امانتون مالڪن کي پهچائي ڪري مديني ڏانهن هجرت ڪجو.

سوال3: پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ گهرجي گهيراءُ کان ٻاهر ڪيئن نڪتا؟

جواب: پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ امانتون حضرت علي ڪرم الله وجهه جي حوالي ڪري پنهنجي گهر کان نڪتا ۽ سورت يٰسين جون ڪجهه آيتون پڙهي مٽي ڪٽي ڪافرن

ڏانهن اڇلايائون. ان سان مڪي جي ڪافرن کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي وڃڻ جي خبر نہ پئجي سگهي.

سوال4: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مديني ڏانهن هجرت مهل پاڻ سان گڏ ڪنهن کي ڪنيو؟ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي ڪردار جي وضاحت ڪريو؟

جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مديني ڏانهن هجرت کان اڳ ئي حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ کي تياري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو هو ۽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ وڏي رازداريءَ سان تياري ڪري ڇڏي هئي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن پاڻ سان گڏ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ کي ڪنيو.

سوال5: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مڪي کان نڪري ڪٿي قيام فرمايو؟

جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مڪي کان نڪري هڪ جبل جي مٿان هڪ غار جنهن کي غار ثور چوندا آهن ان ۾ ٽي ڏينهن قيام فرمايو ۽ مڪي جي حالتن جو جائزو وٺندا رهيا. حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جو سمورو خاندان سندن خدمت ۾ لڳل رهيو.

سوال6: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪهڙن لفظن ۾ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ کي تسلي ڏني؟

جواب: مڪي جي ڪافرن جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ کي گرفتار ڪرڻ تي 100 اٺن جو انعام مقرر ڪيو هو تڏهن مڪي جا ڪافر ڳولهيندي ڳولهيندي جبل جي مٿان غار تائين پهتا



تہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن تسلي ڏني تہ گهبراءِ نہ الله اسان سان گڏ آهي.

سوال7: غار ثور ۾ الله تعاليٰ ڪهڙي طرح حفاظت جو انتظام فرمايو؟

جواب: غار ثور ۾ الله تعاليٰ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي داخل ٿيڻ کانپوءِ ٻاهر ڪوريئڙي ڄار پکيڙيو ۽ ڪبوتري آنا لاٿا ان سان اهو ظاهر پيو ٿئي تہ اندر ڪو بہ نہ هوندو ۽ ڪافر واپس موٽي ويا.

سوال8: مديني منوره اچڻ کان اڳ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪٿي قيام فرمايو؟

جواب: مديني منوره اچڻ کان اڳ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ قبا جي جاءِ تي قيام فرمايو ۽ هتي مسجد قبا جو بنياد رکيائون. اها اسلام جي پهرين مسجد هئي ان کي مسجد تقويٰ بہ چيو وڃي ٿو.

سوال9: مديني منوره جي ماڻهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪهڙي ريت استقبال ڪيو؟

جواب: مديني منوره جي ماڻهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو پرجوش نموني سان استقبال ڪيو ۽ ميزباني ڪرڻ لاءِ مديني جو هر هڪ ماڻهو تيار هو.

سوال10: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏاچي ڪنهن جي گهر جي اڳيان اچي ويٺي؟

جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ منهنجي ڏاچي جنهن جي گهر اچي ويهندي اسان ان جا

مهمان ٿينداسين ۽ ڏاچي حضرت ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللہُ تَعالٰی عَنہُ جي گهر جي اڳيان اچي ويٺي.

(2) هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:

1. مديني منوره جو پراڻو نالو ڇا هو؟

(الف) مدينہ ✓ (ب) يثرب (ج) نجف

2. پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَأَصحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن ڪهڙي غار ۾ قيام فرمايو؟

(الف) ڪوهه طور (ب) غار حرا ✓ (ج) غار ثور

3. پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَأَصحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن هجرت مهل امانتون ڪهڙي صحابي جي حوالي ڪيون؟

(الف) حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللہُ تَعالٰی عَنہُ

✓ (ب) حضرت علي ڪرم الله وجهه

(ج) حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللہُ تَعالٰی عَنہُ

4. مڪي جي ڪافرن پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَأَصحَابِہٖ وَسَلَّمَ کي ڳولهڻ لاءِ ڪيترا اٺ انعام ۾ رکيا؟

✓ (الف) 100 (ب) 200 (ج) 300

5. پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَأَصحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن سڀ کان پهريون ڪهڙي صحابي جي گهر قيام فرمايو؟

(الف) حضرت اسد بن زراره رَضِیَ اللہُ تَعالٰی عَنہُ

(ب) حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللہُ تَعالٰی عَنہُ

✓ (ج) حضرت ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللہُ تَعالٰی عَنہُ



(3) هيٺيان خال پريو:

1. يثرب جي معنيٰ بيمارين جو گهر آهي.
2. مڪي جي ڪافرن پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَأَصحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن جي گهر جو گهيراءُ ڪيو هو.
3. اسلام جي پهرين مسجد قبا تعمير ڪئي.
4. مڪي جي ڪافرن پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَأَصحَابِہٖ وَسَلَّمَ کي گرفتار ڪرڻ تي 100 اٺ انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو.
5. پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیہِ وَعَلٰی آلِہٖ وَأَصحَابِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو منهنجي ڏاچي جتي ويهندي اسان ان جا مهمان ٿينداسين.

# (4) مواخاتِ مدينہ

## مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

**سوال1:** مواخات مان ڇا مراد آهي؟ مواخات مدينہ بابت اوهين ڇا ڄاڻيو؟

**جواب:** مواخات عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ان جو مطلب آهي ڀائيچارو. نبوت جي تيرهين سال مسلمان مڪي جي ڪافرن جي ظلم ۽ ستم کان تنگ ٿي ڪري مديني منوره ڏانهن هجرت ڪئي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ مڪي کان ايندڙ مسلمانن ۽ مديني ۾ رهندڙ مسلمانن کي پاڻ ۾ ڀاءُ ڀاءُ بڻائي ڇڏيو ان کي مواخات مدينہ چئبو آهي.

**سوال2:** نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ مڪي جي ماڻهن ۽ مديني جي ماڻهن کي پاڻ ۾ ڀاءُ ڀاءُ ڇو بڻايو؟

**جواب:** مڪي کان اچڻ وارن مسلمانن کي مهاجر چيو ويندو آهي ۽ مديني ۾ رهڻ وارن مسلمانن کي انصار چيو ويندو آهي. مڪي کان جيڪي ماڻهو هجرت ڪري مديني آيا هئا اهي پنهنجا گهر، ٻار، ڪاروبار ۽ ملڪيتون مڪي ۾ ڇڏي آيا هئا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن سيني مهاجرن ۽ انصارن کي حضرت انس رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ جي گهر ۾ گڏ ڪيو. انهن جو ڪل تعداد 90 هو. انهن مان 45 مهاجر ۽ 45 انصار هئا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ هر هڪ مان هڪ هڪ کي هڪٻئي جو ڀاءُ ڀاءُ بڻائي ڇڏيو ۽ مديني جي انصارن انهيءَ کي قبول ڪيو ۽ پنهنجي گهر، ملڪيت ۽ ڪاروبار ۾ شامل ڪيو. اهڙي ڀائيچاري جو مثال دنيا ۾ ڪٿي بہ نہ ٿو ملي.



**سوال3:** مديني جي انصارن مڪي جي مهاجرن سان ڪهڙو رويو اختيار ڪيو؟

**جواب:** مديني جي انصارن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جي حڪم تي پنهنجو سڀ ڪجهہ اڌ اڌ ورهائي ڪري قرباني جو اعليٰ مثال قائم ڪيو. جيئن تہ مديني جي انصارن جو ڪم پوک ڪرڻ هو انهن پنهنجي باغن مان ٿيندڙ اناج کي بہ اڌ اڌ ورهائي ڇڏيو. اهڙي طرح مديني جي انصارن مڪي جي مهاجرن کي پنهنجي ايثار ۽ قرباني جي ذريعي ڪا بہ گهٽتائي محسوس ٿيڻ نہ ڏني.

**سوال4:** مڪي جي مهاجرن جو مديني جي انصارن سان ڪهڙو رويو هو؟

**جواب:** جيئن تہ مواخات قائم ٿي چڪي هئي ۽ مديني جي انصارن مڪي جي مهاجرن کي پنهنجي مال ملڪيت مان حصو ورهائي ڏنو هو پر مهاجرن مان ڪجهہ ماڻهن انصارن تي بار وجهڻ مناسب نہ سمجهيو. مڪي جي مهاجرن مان گهڻن جو ڪم ڪاروبار ۽ واپار ڪرڻ هو. مڪي جي مهاجرن بازارن جو رخ ڪيو ۽ پنهنجو ڪاروبار ڪرڻ شروع ڪيو الله تعاليٰ بہ مهاجرن جي ڪم ۾ تمام گهڻي برڪت نازل ڪئي ۽ ٿوري ئي وقت ۾ مهاجر تمام وڏا واپاري بڻجي ويا.

**سوال5:** حضرت سعد بن ربيع رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ کي ڇا فرمايو؟

**جواب:** حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ کي حضرت سعد بن ربيع رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ جو ڀاءُ بڻايو ويو پر انهن ان جو اڌ مال وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو تہ مون کي بازار جو رستو ڏيکاريو. بازار وڃي پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ ڪپڙو

وڇائي پنير وڪڻڻ شروع ڪيو. الله تعاليٰ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي مال ۾ ايتري برڪت وڌي جو هڪ وقت اهڙو به آيو ته ٻين ملڪن کان انهن جي واپار جي مال جا سؤ سؤ اٺ ايندا هئا.

سوال6: مديني منوره ۾ معاشي بهتري جي باري ۾ ٻڌايو؟

جواب: مديني منوره ۾ مڪي جي مهاجرن پنهنجو ڪاروبار ڪري ۽ مديني جي انصارن پوک ڪري هڪ زبردست معاشي ترقي ڪئي ۽ مدينو ڪاروبار جو مرڪز بڻجي ويو. مديني ۾ خوشحالي اچي وئي. امن ٿي ويو. اسلام جي اچڻ سان ۽ مواخات مدينه سان اسلام جي به ترقي ٿي ۽ اسلام مديني کان ٻاهر به ڦهلجڻ لڳو.

سوال7: مواخات مدينه جي اهميت ۽ انهيءَ جا اثر بيان ڪريو؟

جواب: مواخات مدينه سان هڪ عظيم رشتو پاڻ ۾ ڀائيچارو قائم ٿيڻ، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي هڪ زبردست حڪمت ۽ دانائيءَ کي ظاهر ڪري ٿو. اسان کي گهرجي ته اسان پاڻ ۾ دنيا جا سڀ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهيون. ان رشتي جو احترام ۽ پاسداري ڪريون پنهنجي مسلمان ڀائرن جا حق ادا ڪريون ته جيئن معاشرو امن ۽ سڪون وارو بڻجي سگهي.

(2) **هيٺ مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. مواخات عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ان جو مطلب آهي:
✓ (الف) ڀائيچارو (ب) مشڪل وقت (ج) اتحاد

2. مڪي جي ڪافرن جي ظلم ۽ ستم کان تنگ ٿي ڪري مسلمانن ڪهڙي سال ۾ مديني ڏانهن هجرت ڪئي.
✓ (الف) تيرهين سال (ب) ڏهين سال (ج) ٻارهين سال



3. مڪي کان مديني ڏانهن هجرت ڪندڙن کي مهاجر ۽ مديني مان رهڻ وارن کي ڇا چيو ويندو آهي؟
(الف) قريشي (ب) مدني ✓ (ج) انصار

4. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جڏهن سيني صحابه ڪرام رضوان الله اجمعين کي گڏ ڪيو ته ڪهڙي صحابي جي گهر ۾ گڏ ڪيو؟
(الف) حضرت سعد بن ربيع رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ
(ب) حضرت ابو ايوب انصاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ
✓ (ج) حضرت انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ

5. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جڏهن سيني صحابه ڪرام رضوان الله اجمعين کي جمع ڪيو ته انهن جو تعداد ڪيترو هو؟
(الف) سؤ (ب) اسي ✓ (ج) نوي

6. مديني جي انصارن جو ڌنڌو ڪهڙو هو؟
(الف) واپار ✓ (ب) پوک ڪرڻ
(ج) مال ڌارڻ

7. مديني جي انصارن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪم تي مڪي جي مهاجرن ۾ ڇا ورهايو؟
(الف) غلامن کي (ب) مديني جي انصارن کي
✓ (ج) پنهنجو سڀ ڪجهه

8. مڪي جي مهاجرن اهو پسند نه ڪيو ته سمورو بار وڌو وجهي؟
(الف) غلامن تي ✓ (ب) مديني جي انصارن تي
(ج) مڪي جي ڪافرن تي

(3) هيٺيان خال ڀريو.

1. مڪي جي مهاجرن ۽ مديني جي انصارن جي وچ ۾ **ڀائيچاري** جو رشتو قائم ٿي چڪو هو.
2. مسلمانن جو پاڻ ۾ رشتو **ايمان** وارو آهي.
3. ڪجھ مهاجرن ڪنهن تي بہ ڪو **بار** وجھڻ مناسب نہ سمجهيو.
4. حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي واپار جي مال ۾ ايتري برڪت ٿي تہ ان جا **سؤ سؤ** اُٺ واپار جي مال جا ايندا هئا.
5. حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ **ڪپڙي** جو ڪاروبار شروع ڪيو.
6. حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ **واپار** جو ڪاروبار شروع ڪيو.
7. حقيقت ۾ **مواخات مدينہ** ۾ مسلمانن لاءِ هڪ پيغام آهي تہ مسلمانن ۾ اصل رشتو ايمان جو آهي.
8. اسان کي پاڻ ۾ مسلمانن جي **ڪم** اچڻ گهرجي.

(4) ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو:

| | |
|---|---|
| دنيا جا سڀ انسان حضرت | مهاجر چيو ويندو آهي. |
| مڪي کان هجرت ڪري اچڻ وارن کي | مسلمانن کي انصار چيو ويندو آهي. |
| مديني منوره ۾ رهڻ وارن | آدم عليه السلام جي اولاد آهن. |
| حقيقت ۾ مواخات مدينہ | آهن ۽ اهي هڪ جسم وانگر آهن. |
| مسلمان پاڻ ۾ ڀائر | مسلمانن لاءِ هڪ پيغام آهي. |



## (5) مسجد نبوي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ

### مشق

(1) سبق جا جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.

سوال1: مسجد نبوي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ جنهن زمين کي چونڊيو ويو اها ڪنهن جي هئي؟

جواب: پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مسجد نبوي لاءِ جنهن زمين جي چونڊ ڪئي اها ٻن يتيم ڀائرن جي هئي. انهن جا نالا سهل ۽ سهيل هئا. ان زمين جي قيمت ادا ڪري مسجد نبوي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ تعمير ڪئي وئي.

سوال2: مسجد نبوي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي تعمير ڪهڙي ريت ٿي؟

جواب: اڏاوت جي وقت مسجد نبوي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو بنياد ۽ ان جون ڀتيون ڪچين سرن ۽ گاري سان ڪيو ويو. مسجد جي اڏاوت ۾ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم سان گڏجي حصو ورتو. مسجد نبوي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ڇت کجين جي ڦرهن جي ۽ فرش بہ ڪچو هو.

سوال3: پاڻ سڳورا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ اڏاوت مهل ڇا ارشاد فرمائيندا هئا؟

جواب: پاڻ سڳورا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن اڏاوت مهل فرمائيندا هئا اي الله اصل زندگي تہ آخرت جي زندگي آهي. اي الله مهاجرن ۽ انصارن جي بخشش فرماءِ.

سوال4: مسجد نبوي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏوگڏ ڪجھ گهر ڇو تعمير ڪرايا ويا؟

جواب: مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏوگڏ ڪجهہ گهر بہ تعمير ڪرايا ويا انهن جون ڀتيون بہ ڪچين سرن ۽ ڇتيون بہ ڪجين جي ڦرهن جون هيون. هي گهر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي گهر وارين لاءِ تعمير ڪرايا ويا. انهن جي اڏاوت مڪمل ٿيڻ بعد پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجين گهر وارين سان گڏ انهن گهرن ۾ منتقل ٿي ويا.

سوال5:اسلام ۾ مسجد کي مرڪزي حيثيت ڇو حاصل آهي؟

جواب: اسلام ۾مسجد کي مرڪزي حيثيت ان ڪري حاصل آهي ڇو تہ مسلمان پنج وقت نماز ادا ڪن ٿا الله جي عبادت ڪن ٿا ۽ مسلمان پاڻ ۾ گڏجي ويهي اجتماعي معاملا حل ڪن ٿا.

سوال6: مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ اسلامي رياست جو اهم مرڪز ڇو بڻي؟

جواب: مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ اسلامي رياست جو اهم مرڪز ان ڪري بڻي ڇاڪاڻ تہ اها مسلمانن جي عبادت گاهہ سان گڏوگڏ هڪ تربيت گاهہ بہ هئي. هتي اسلام جي سربلندي لاءِ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه سان مشورا بہ ٿيندا هئا مهمانن ۽ وفدن کي آرام ۽ ملاقاتون بہ ڪرايون وينديون هيون هتان ئي اسلام جي دعوت لاءِ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه کي روانو ڪيو ويندو هو.

سوال7: مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪهڙي فضيلت آهي؟

جواب: مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ دنيا جي ٽن مقدس ترين مسجدن مان هڪ آهي. مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۾ هڪ نماز ادا ڪرڻ جو ثواب 50 هزار



نمازون ادا ڪرڻ جي برابرب آهي. مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۾ رياض الجنہ بہ آهي يعني جنت جو باغ. مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو روضو مبارڪ بہ آهي. سموري دنيا مان مسلمان سلام عرض ڪرڻ لاءِ هتي ايندا آهن.

(2) ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو:

| | |
|---|---|
| اي الله اصل زندگي تہ آخرت | جنت جي باغن منجهان هڪ باغ آهي. |
| مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۾ هڪ نماز ادا ڪرڻ | اهو اسلام جي پهرين درسگاهہ هو. |
| منهنجي گهر ۽ منبر جي وچ واري زمين | انهيءَ ڪري مديني ۾ سڀ کان اول مسجد تعمير ڪئي وئي. |
| اصحاب صفہ جو ٺلهو بہ چيو وڃي ٿو ۽ | جي زندگي آهي اي الله مهاجرن ۽ انصارن جي بخشش فرماءِ. |
| اسلام ۾ مسجد کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي | جو ثواب 50 هزار نمازون ادا ڪرڻ جي برابر آهي. |

(3) هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:

1. اسلام جي سڀ کان پهرين مسجد ڪهڙي آهي؟
(الف) مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ
(ب) مسجد جمعہ (ج) مسجد قبا ✓

2. مديني منوره ۾ پهچي ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪنهن جي گهر ۾ قيام فرمايو.

✓ (الف) حضرت ابو ايوب انصاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنہ

(ب) حضرت انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنہ

(ج) حضرت سعد بن ربيع رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنہ

3. مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي تعمير لاءِ ڪنهن کان زمين ورتي وئي؟

(الف) عتبہ ۽ شيبہ کان ✓ (ب) سهل ۽ سهيل کان

(ج) سعد ۽ سعيد کان

4. اسلام جي سڀ کان پهرين ڪهڙي درسگاهہ مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۾ قائم ڪئي وئي.

(الف) اصحاب فيل ✓ (ب) اصحاب صفہ جو ٽلهو

(ج) اصحاب ڪهف

5. مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ دنيا جي ڪيترين مقدس ترين مسجدن مان هڪ آهي؟

✓ (الف) ٽن (ب) چئن (ج) پنجن

(4) **هيٺيان خال ڀريو:**

1. مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ **ڀائيچاري** جو رشتو قائم فرمايو.
2. حضرت **ابو ايوب انصاري** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنہ جي گهرجي سامهون واري زمين کي مسجد نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ لاءِ چونڊيو ويو.
3. اسلام ۾ **مسجد** کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي.
4. مسجد ۾ **آذان** ڏيڻ لاءِ هڪ ٽلهو پڻ ناهيو ويو.
5. مسجد ۾ اصحاب صفہ لاءِ بہ هڪ **ٽلهو** ناهيو ويو.
6. اسلام جي سر بلندي لاءِ **مشورا** ڪندا هئا.



# (6) ميثاق مدينہ

## مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ميثاق مدينہ جي معنيٰ ڇا آهي؟

جواب: ميثاق عربي ٻولي جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ عهد، واعدو يا معاهدو آهي.

سوال2: ميثاق مدينہ ڇو ڪيو ويو هو؟

جواب: هن معاهدي جو مقصد اهو هو تہ مديني منوره جي حدن اندر امن قائم رهي ماڻهن جي عزت جان مال محفوظ هجي. مسلمان ۽ يهودي مڪي جي ڪافرن جي حملي کان بچيل رهن.

سوال3: ميثاق مدينہ کي بين الاقوامي طور تي ڪهڙي حيثيت حاصل آهي؟

جواب: ميثاق مدينہ کي دنيا جو پهريون تحريري دستور (آئين) چيو وڃي ٿو. هن معاهدي ۾ ڌرين جي ذميوارين، حقن ۽ فرضن کي واضح طور تي لکيو ويو هو.

سوال4: ميثاق مدينہ جا ڪل ڪيترا نقطا هئا انهن ۾ ڪجهہ تي روشني وجهو؟

جواب: ميثاق مدينہ ۾ ڪل 47 نقطا هئا انهن مان ڪجهہ خاص نقطا هي هئا. مسلمانن ۽ يهودين کي مذهبي آزادي هوندي. هڪ ٻئي جي مذهب ۾ مداخلت نہ ڪندا. ٻئي ڌريون هڪ ٻئي سان جنگ نہ ڪنديون. مڪي جي ڪافرن کي پناهہ نہ ڏيندا. جيڪڏهن مديني تي حملو ٿيو تہ ٻئي گڏجي ان جو دفاع ڪندا. ڪنهن بہ جهيڙي جهگڙي جو فيصلو نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪندا. مظلومن جي مدد ڪئي ويندي.

سوال5: ميثاق مدينہ جا اثر ڪهڙا پيا لکو؟

جواب: ميثاق مدينہ قائم ٿيڻ سان مسلمانن کي تمام گھڻو فائدو پهتو مديني ۾ ۽ ان جي ويجهو رهندڙ قبيلا بہ امن ۽ سڪون ۾ اچي ويا. سيني قبيلن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جي سربراهي تسليم ڪري ورتي. مديني منوره ۾ پهرين اسلامي رياست قائم ٿي وئي.

سوال6: ميثاق مدينہ کي انساني تاريخ ۾ ڪهڙي حيثيت حاصل آهي؟

جواب: ميثاق مدينہ کي انساني تاريخ ۾ مذهبي رواداري جو نهايت اعليٰ ۽ عظيم مثال چيو ويندو آهي. جيڪڏهن هن معاهدي کي ڏٺو وڃي تہ انهن اڄ بہ دنيا ۾ امن ۽ سلامتي قائم رکڻ لاءِ ان جا نقطا فائدي وارا آهن. اڄ بہ دنيا ۾ امن لاءِ ميثاق مدينہ مشعل راهہ جي حيثيت رکي ٿو.

**(2) ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو:**

| | |
|---|---|
| ميثاق عربي ٻولي جو لفظ آهي | تحريري دستور (آئين) چيو وڃي ٿو. |
| هن معاهدي جو مقصد هو تہ | هن قانون جا پابند رهندا. |
| ميثاق مدينہ کي دنيا جو پهريون بين الاقوامي | ان جي معنيٰ عهد، واعدو يا معاهدو آهي. |
| مدينہ منوره ۽ ان سان گڏوگڏ قبيلا | مديني منوره ۾ امن قائم رهي. |
| ميثاق مدينہ جا ٻہ حصا آهن | مسلمانن کي تمام گھڻو فائدو ٿيو. |
| ميثاق مدينہ قائم ٿيڻ سان | ميثاق مدينہ مشعل راهہ جي حيثيت رکي ٿو. |
| اڄ بہ دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ | هڪ حصو مسلمانن ۽ ٻيو حصو يهودين لاءِ آهي. |



**(3) هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. ميثاق عربي ٻولي جو لفظ آهي ان جي معنيٰ عهد يا ______ آهي.
✓(الف) معاهدو (ب) مذاڪرات (ج) دوستي

2. مديني منوره جي ______ ۾ امن قائم رهي.
(الف) شهر (ب) ملڪ ✓ (ج) حدن

3. ميثاق مدينہ ٻن حصن تي مشتمل هو هڪ حصو مسلمانن ۽ ٻيو حصو ______ لاءِ هو.
(الف) مڪي جي ڪافرن ✓ (ب) يهودين (ج) مشرڪن

4. ميثاق مدينہ جا ڪل ______ نقطا هئا.
(الف) 27 (ب) 74 ✓ (ج) 47

5. مسلمانن ۽ يهودين کي ______ آزادي هوندي.
(الف) پابندي (ب) سماجي ✓ (ج) مذهبي

6. مسلمان ۽ يهودي هڪ ٻئي جي مذهب ۾ ______ نہ ڪندا.
(الف) پابندي ✓ (ب) مداخلت (ج) صلح

7. ٻئي ڌريون هڪ ٻئي سان ______ نہ ڪنديون.
✓ (الف) جنگ (ب) ناهہ (ج) صلح

8. ڪنهن بہ جهيڙي جهڳڙي جو فيصلو ______ ڪندا.
(الف) سردار (ب) قبيلي وارا
✓ (ج) نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ

9. مسلمانن کي اسلام جي سربلندي لاءِ مڪمل ______ ملي وئي.
✓ (الف) آزادي (ب) پابندي (ج) مخالفت

10. اڄ بہ دنيا ۾ امن لاءِ ميثاق مدينہ ______ جي حيثيت رکي ٿو.
✓ (الف) مشعل راهہ (ب) آئين (ج) بنياد

## (7) غزوات نبوي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: غزوه جي معنيٰ ڇا آهي ۽ غزوه جو اصطلاح ڇا آهي؟

جواب: غزوه جي لفظي معنيٰ آهي جنگ ۽ اصطلاح ۾ غزوه انهيءَ جنگ کي چيو وڃي ٿو جنهن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن بذات خود شريڪ ٿيا هجن ۽ اڳواڻي ڪيائون.

سوال2: جهاد في سبيل الله مان ڇا مراد آهي؟

جواب: اسلام ۾ الله تعاليٰ جي رضا خاطر ۽ دين جي سر بلندي لاءِ جيڪا بہ ڪوشش ڪئي وڃي ان کي جهاد في سبيل الله چئبو آهي. جهاد اسلام جو هڪ اهم رڪن آهي ۽ جهاد جو مقصد دين جي حفاظت ۽ امن امان کي قائم ڪرڻ هوندو آهي.

سوال3: غزوه بدر، غزوه احد، غزوه خندق ڪهڙي سن هجري ۾ ٿي؟

جواب: غزوه بدر سن ٻہ هجري ۾، غزوه احد سن 3 هجري ۾ ۽ غزوه خندق سن 5 هجري ۾ ٿي.

سوال4: غزوه بدر جي ڪاميابي جا مسلمانن تي ڪهڙا اثر پيا؟

جواب: غزوه بدر جي ڪاميابيءَ سان مڪي جي ڪافرن جو غرور خاڪ ۾ملي ويو ۽ انهيءَ ڪاميابيءَ ڪانپوءِ اسلام تيزي سان ڦهلجڻ لڳو.

سوال5: غزوه احد ۽ غزوه خندق جا عرب معاشري تي ڪهڙا اثر پيا ۽ مسلمانن کي ڪهڙو فائدو ٿيو؟

جواب: غزوه احد ۾ منافق ظاهر ٿي پيا ۽ غزوه خندق کان پوءِ مڪي جي ڪافرن جي طاقت ختم ٿي وئي ۽ اهي



مسلمانن تي حملو ڪرڻ جي قابل نہ رهيا ۽ سموري عرب تي مسلمانن جو رعب ۽ دٻدٻو قائم ٿي ويو.

سوال6: غزوه بدر ۾ مڪي جي ڪافرن جي اڳواڻي ڪنهن وٺ هئي؟

جواب: غزوه بدر ۾ مڪي جي ڪافرن جي اڳواڻي ابوجهل وٺ هئي.

سوال7: غزوات نبوي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟

جواب: غزوات نبوي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۾ اسان لاءِ هڪ اهم سبق هي آهي تہ فتح ۽ شڪست جو دارومدار تعداد تي نہ پر ايماني جذبي تي آهي اسان کي گهرجي تہ هر حال ۾ اخلاق، استقامت ۽ ثابت قدمي اختيار ڪريون. تڪليف ۽ مصيبت تي صبر ڪريون صرف الله جي ذات تي يقين رکون.

سوال8: غزوه خندق کي غزوه احزاب ڇو چيو ويندو آهي؟

جواب: غزوه خندق کي غزوه احزاب انڪري چوندا آهن ڇو تہ عربي ٻولي ۾ گروهہ يا جماعت لاءِ حزب جو لفظ ڳالهايو ويندو آهي حزب جو جمع احزاب آهي. هن غزوه ۾ عرب جا ڪيترائي قبيلا جن ۾ مڪي جي ڪافرن ۽ يهودين جا مختلف قبيلا شامل هئا ان ڪري ان کي غزوه احزاب بہ چيو ويندو آهي.

**(2) هيٺيان خال ڀريو:**

1. غزوه بدر **17** رمضان المبارڪ سن 2 هجري ۾ ٿي.
2. غزوه احد مديني ڏانهن هجرت جي **ٽئين** سال ۾ ٿي.
3. غزوه احد ۾ مڪي جي ڪافرن جي لشڪر جي اڳواڻي **ابو سفيان** ڪري رهيو هو.

4. حضرت عبدالله بن جبير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنه کي **پنجاهه** تير اندازن سان هڪ جاءِ تي مقرر ڪيو ويو.
5. غزوه خندق کي غزوه **احزاب** به چيو وڃي ٿو.
6. حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنه جي مشوري سان مديني منوره جي چوڌاري **خندق** کوٽي وئي.
7. اهڙي طرح الله تعاليٰ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي **عظيم فتح** سان نوازيو.
8. غزوه خندق ڪانپوءِ مڪي جي ڪافرن جي **طاقت** ختم ٿي وئي.

**(3) ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو:**

| | |
|---|---|
| غزوه جي معنيٰ آهي جنگ ۽ | تيار نه ڪن ها ته مڪي جا ڪافر مسلمانن کي ختم ڪري ڇڏين ها. |
| جهاد جو مقصد دين اسلام جي حفاظت | ۽ امن امان کي قائم رکڻ آهي. |
| جيڪڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مسلمانن کي جهاد لاءِ | غزوات جو مطلب ٿيو جنگيون. |
| غزوه احد ۾ ڪافرن جو تعداد | ويجهو خيما کوڙا. |
| اسان کي هر حال ۾ اخلاص، استقامت | مسلمانن جي مدد ڪئي. |
| اسلامي لشڪر احد جبل جي | 3000 ماڻهن تي مشتمل هو. |
| الله تعاليٰ ملائڪن ذريعي | ۽ ثابت قدمي اختيار ڪرڻ گهرجي. |



## باب چوٿون

# اخلاق ۽ آداب

## (1) رواداري

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: رواداري مان ڇا مراد آهي؟

جواب: رواداري مان مراد آهي، برداشت ڪرڻ. هڪ ٻئي جي راءِ ڳالهه ٻولهه کي صبر ۽ تحمل سان ٻڌڻ ۽ ٻئي ماڻهوءَ جو لحاظ ڪرڻ، ٻين جي راءِ جو احترام ڪرڻ ٻئي انسان کي پنهنجي راءِ جي اظهار جي آزادي جو حق ڏيڻ رواداري آهي.

سوال2: اسلام اسان کي رواداري جي متعلق ڇا سيکاري ٿو؟

جواب: اسلام جي هڪ اهم تعليم هي آهي ته ٻين سان رواداري جو رويو اختيار ڪيو وڃي يعني معاشري ۾ موجود سڀني فردن کي برابري جو حق ڏنو وڃي. انهن جي مذهبي عقيدن، دلي جذبن ۽ سماجي ريتن رسمن جو لحاظ رکيو وڃي. ڪنهن انسان کي ان جي رنگ، نسل مذهب ۽ علائقي جي بنياد تي تنگ نه ڪيو وڃي. انسان جا بنيادي ۽ فطري حق ادا ڪيا وڃن. مسلمان ڪنهن کي به پنهنجي زبان، هٿ ۽ ڪردار سان تڪليف نه پهچائي.

سوال3: انسان جا بنيادي فطري حق ڪهڙا آهن؟

جواب: انسان جي بنيادي فطري حقن ۾ مساوات عزت، آبرو، جان ۽ مال جي حفاظت، اظهار جي آزادي، زندگي جي ضرورتن جو انتظام، سماجي ۽ تعليمي حق اهم آهن.

سوال4: اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي زندگي مان اسان کي رواداري جا ڪهڙا مثال ملن ٿا؟

جواب: اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي زندگي مان اسان کي بهترين مثال ملن ٿا. مڪي زندگي کان وٺي مدني زندگي تائين رواداري، برداشت، صبر، تحمل، عفو ۽ درگذر جا ڪيترائي مثال ملن ٿا. ميثاق مدينہ مسلمانن ۽ يهودين جي وچ ۾ جيڪو معاهدو ٿيو اهو اسلام ۾ رواداري جو هڪ اعليٰ مثال آهي. ان ڪانسواءِ نجران جو وفد جيڪي عيسائي هئا انهن کي مسجد نبوي ۾ قيام ڪان وٺي رخصتي تائين ۽ ان ڪانسواءِ بہ ڪيترائي واقعا سيرت النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مان اسان کي ملن ٿا.

سوال5: دين اسلام غير مسلمن جي عبادت گاهن ۽ مقدس ڪتابن بابت ڇا ٿو سيکاري؟

جواب: اسلام اسان کي هميشہ غير مسلمن جي عبادت گاهن ۽ مقدس ڪتابن جي باري ۾ احترام ڪرڻ سيکاري ٿو جيڪڏهن مسلمان ڪنهن بہ مذهب جي عبادت گاهہ جي توهين ڪري يا انهن جي مقدس ڪتابن جي توهين ڪري تہ گناهگار آهي ۽ اسلام غير مسلمن ڪان بہ اهائي اميد رکي ٿو تہ اسلام جي عبادت گاهن ۽ مقدس ڪتابن جي توهين نہ ڪن.

سوال6: هڪ پرامن معاشرو ڪيئن بڻجي سگهي ٿو؟

جواب: هڪ پرامن معاشرو ان وقت بڻجي سگهي ٿو جڏهن سيني مذهبن جا ماڻهو هڪ ٻئي سان رواداري جو خيال رکن. هڪ ٻئي جا حق ادا ڪن. هڪ ٻئي جي مذهبي عقيدن جو احترام ڪن. قانون جي پاسداري ڪن. ڪنهن سان زيادتي ٿيڻ نہ ڏين پنهنجي ذات سان ڪنهن کي تڪليف نہ پهچائين.



(2) **هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. رواداري مان مراد آهي ________ ڪرڻ.
(الف) ظلم (ب) زيادتي ✓ (ج) برداشت

2. معاشري ۾ موجود سيني فردن کي ________ جو حق ڏنو وڃي.
✓ (الف) برابري (ب) غم (ج) بردباري

3. اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ________ جو معاهدو ڪري رواداري جو هڪ اعليٰ مثال قائم ڪيو.
✓ (الف) ميثاق مدينہ (ب) هجرت مدينہ (ج) غزوات

4. اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ نجران جي ________ سان بهترين رويي جو اعليٰ مثال قائم ڪيو.
(الف) يهودين ✓ (ب) عيسائين (ج) هندن

5. ماڻهو پاڻ ۾ هڪ قوم بڻجي هڪ ٻئي جي ________ جو خيال رکن.
✓ (الف) حقن (ب) مسئلن (ج) مشغولين

# (2) عفوءِ درگذر ۽ رحمدلي

**مشق**

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: عفو درگذر ۽ رحمدليءَ مان ڇا مراد آهي؟

جواب: عفو درگذر جي معنيٰ معاف ڪرڻ آهي ۽ جيڪڏهن ڪو انسان تڪليف ۾ هجي ته ان جي مدد ڪرڻ رحمدلي آهي.

سوال2: الله جي رضا ۽ راضپو ڪهڙي طرح حاصل ٿي سگهي ٿو؟

جواب: الله تعاليٰ کي اهو پسند آهي ته ڪو سچي دل سان معافي جو طلبگار هجي. الله تعاليٰ معاف ڪرڻ کي پسند ڪري ٿو. اهڙي طرح الله تعاليٰ ان انسان کي به پسند ڪري ٿو جيڪو انسان ٻين جي غلطين کي معاف ڪري ڇڏيندو آهي. بدلو وٺڻ جي بدران معاف ڪرڻ واري کي الله تعاليٰ پسند فرمائي ٿو.

سوال3: مڪي جي فتح واري ڏينهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مڪي جي ڪافرن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو؟

جواب: مڪي جي ڪافرن جو خيال هو ته اسان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي تمام گهڻيون تڪليفون ڏنيون آهن پريشان ڪيو ايستائين جو مڪي کان نڪرڻ تي مجبور ڪيو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي صحابين کي شهيد ڪري ڇڏيو. اسان کان غلطين جو بدلو ورتو ويندو. مڪي جي فتح ٿيڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ انهن سيني ڳالهين جو بدلو وٺي سگهن پيا پر رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن عفو درگذر ۽ رحمدلي جو اعليٰ مثال پيش ڪندي سيني کي معاف ڪري ڇڏيو.



سوال4: اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن انسانن سان گڏوگڏ جانورن ۽ پکين تي به رحم ڪرڻ بابت ڪهڙو حڪم ڏنو آهي؟

جواب: اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو توهان زمين وارن تي رحم ڪريو الله تعاليٰ توهان تي رحم فرمائيندو. انسانن سان گڏوگڏ اسان کي جانورن ۽ پکين تي به ظلم ڪرڻ کان منع فرمائي. بي زبان جانورن جي معاملي ۾ الله تعاليٰ کان ڊڄڻ جو حڪم فرمايو.

سوال5: عفو درگذر جي سبق مان اسان ڇا سکيو؟

جواب: عفو درگذر مان اسان اهو سکيو ته اسان روزمره جي زندگي ۾ رحمدلي مان ڪم وٺون، معاف ڪرڻ جي عادت اپنايون،پنهنجي ذات مان ٻئي کي ڪا تڪليف نه پهچايون، پنهنجي غلطي مڃيندي هڪدم معافي گهرون. ان سان محبت وڌندي ۽ هڪ سٺو معاشرو وجود ۾ ايندو ۽ سڀ کان وڏيڪ ته الله تعاليٰ جي رضا ۽ راضپو حاصل ٿيندو.

**(2) غور سان پڙهو، سمجهو ۽ جواب ”ها“ يا ”نه“ ۾ ڏيو:**

1. جيڪڏهن ڪو انسان يا جانور تڪليف ۾ آهي ته ڇا ان جي مدد ڪنداسين؟ **(ها)**
2. جيڪڏهن ڪنهن کان ڪا غلطي ٿي وڃي ته ان کي معاف ڪنداسين؟ **(ها)**
3. جيڪڏهن اسان کان ڪا غلطي ٿي وڃي ته هڪدم معافي گهرنداسين؟ **(ها)**
4. اسان بدلو وٺي سگهون ٿا پر اسان بدلو نه وٺنداسين پر معاف ڪري ڇڏينداسين؟ **(ها)**
5. ڇا اسان پنهنجي ڪلاس ۾ ڪنهن کي تنگ ڪنداسين؟ **(نه)**

6. اسان ڪڏهن به ڪنهن سان وڙهنداسين؟ (نه)
7. ڇا اسان ڪنهن کي گاريون ڏينداسين؟ (نه)
8. ڇا اسان هميشه سڀني جي خدمت ڪنداسين؟ (ها)

**(3) هيٺيان خال پريو:**

1. عفو درگذر جي معنيٰ **معاف** ڪرڻ آهي.
2. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو توهان زمين وارن تي رحم ڪريو الله تعاليٰ توهان تي **رحم** ڪندو.
3. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪڏهن به پنهنجي ذات لاءِ ڪنهن **بدلو** نه ورتو.
4. اسان کي گهرجي ته اسان به روزمره زندگي ۾ **رحمدلي** مان ڪم وٺون.
5. **عفو ۽ درگذر** ۽ رحمدلي سان الله تعاليٰ جي رضا ۽ راضپو حاصل ٿيندو.



# (3) ڪفايت شعاري

## مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ڪفايت شعاري مان ڇا مراد آهي؟

جواب: ڪفايت شعاري مان مراد آهي ته انسان پنهنجي زندگيءَ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ وچٿرو ٿي ڪري هلي. فضول خرچيءَ کان به بچي ۽ ڪنجوسي به نه ڪري. الله تعاليٰ جيترو نوازيو آهي پنهنجن وسيلن اندر رهي ڪري خرچ ڪري انهي جو نالو ڪفايت شعاري آهي.

سوال2: ڪفايت شعاري جا ڪهڙا فائدا آهن؟

جواب: ڪفايت شعاري جا تمام گهڻا فائدا آهن. ڪفايت شعاري سان انسان ڪيترين ئي براين کان بچي وڃي ٿو. ڪفايت شعاري سان هلندڙ ڪڏهن به محتاج نه ٿو ٿئي. ماڻهن جي اڳيان هٿ جهلڻ کان بچي وڃي ٿو. ڀلي بري وقت ۾ ڪفايت شعاري ڪم ايندي آهي.

سوال3: اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ان سلسلي ۾ ڇا ارشاد فرمايو آهي؟

جواب: اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو آهي ته جنهن خرچ ڪرڻ ۾ اعتدال کان ڪم ورتو اهو ڪڏهن به محتاج نه ٿيندو.

سوال4: بخل مان ڇا مراد آهي؟

جواب: بخل مان مراد ڪنجوسي آهي جتي ضرورت هجي ۽ انسان کي الله تعاليٰ عطا به ڪيو هجي پوءِ به اهو خرچ نه ڪري ان کي بخل يعني ڪنجوسي چئبو آهي. اسلام ان کي ناپسند ڪري ٿو.

سوال5: اسان کي زندگي جي ضرورتن بابت اسلام ڪهڙو پيغام ڏئي ٿو؟

جواب: اسان کي هر ڪم ۾ وچيون رستو اختيار ڪرڻ گهرجي نه فضول خرچي ڪرڻ گهرجي ۽ نه ئي وري ڪنجوسي. وچٿرو هلجي پنهنجي آمدني مطابق خرچ ڪرڻ گهرجي ۽ هر حال ۾ شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.

**(2) هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. فضول خرچي ۽ بخل کي اسلام ______ ڪري ٿو.
✓ (الف) ناپسند (ب) غلط (ج) سٺو

2. ڪفايت شعاري سان انسان ڪيترين ئي براين کان ______ وڃي ٿو.
✓ (الف) بچي (ب) پريشان (ج) مشڪل

3. ڀلي بري وقت ۾ ______ ڪم اچي ٿي.
✓ (الف) ڪفايت شعاري (ب) فضول خرچي (ج) بخل

4. جنهن خرچ ڪرڻ ۾ اعتدال کان ڪم ورتو اهو ڪڏهن به ______ نه ٿيندو.
(الف) غريب (ب) فڪر مند ✓ (ج) محتاج

5. پنهنجين ضرورتن ۾ فضول خرچي نه ڪرڻ تي ______ آهي.
(الف) ڪنجوسي ✓ (ب) ڪفايت شعاري
(ج) فراخدلي

6. انسان جي عزت ۽ وقار ______ سان ٿيندو آهي.
(الف) ڏيکاءُ (ب) ڪنجوسي ✓ (ج) سٺن اخلاقن

7. ______ اختيار ڪرڻ سان زندگي پرسڪون رهندي آهي.
✓ (الف) سادگي (ب) وچٿرو (ج) فضول خرچي



**(3) غور سان پڙهو، سمجهو ۽ جواب "ها" يا "نه" ۾ ڏيو.**

1. ڇا اسان پنهنجي زندگي ۾ سادگي اختيار ڪنداسين. **(ها)**
2. ڇا اسان ڪنهن جي سامهون سٺو بڻجڻ لاءِ، سٺو پائڻ ۽ سٺو کائڻ جي ڪوشش ڪري ڪنهن جي دل ڏکائيندا سين. **(نه)**
3. ڇا اسان پنهنجي زندگي کي صحيح طريقي سان هلائڻ لاءِ ڪفايت شعاري کان ڪم وٺنداسين. **(ها)**
4. هميشه غريبن، محتاجن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. **(ها)**
5. ڇا اسان پنهنجي زندگي ۾ ڪوشش ڪنداسين ته ڀلي ٿورو هجي پر رزق حلال هجي ۽ حرام روزي کان بچنداسين. **(ها)**

**باب پنجون**

# حسن معاشرت ۽ معاملات

## (1) واعدو پاڙڻ

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: واعدا پاڙڻ مان ڇا مراد آهي؟

جواب: واعدا پاڙڻ مان مراد اها آهي انسان ٻين ماڻهن سان جيڪا ڳالهه ڪري اها پوري ڪري.

سوال2: اسلام واعدي جي پابندي بابت ڪهڙو حڪم ڏئي ٿو؟

جواب: اسلام ۾ واعدي جو مفهوم تمام گهڻو وسيع آهي اسلام ۾ داخل ٿيندي ئي عهد ورتو ويندو آهي ته اسلام جي تعليم تي عمل ڪندس.

سوال3: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن جي سيرت طيبه ۾ واعدي جي پابندي بابت ڇا ٿا ڄاڻيو؟

جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن ڪڏهن به واعدي خلافي نه ڪئي. ڪافرن سان صلح حديبيه جي موقعي تي يا يهودين سان ميثاق مدينه جي موقعي تي پنهنجن واعدن جي مڪمل پابندي ڪئي.

سوال4: مسلمان ۽ منافق ۾ ڪهڙو فرق ٻڌايو ويو آهي؟

جواب: منافق جي نشاني اها آهي ته جڏهن به ڳالهائيندو ڪوڙ ڳالهائيندو، واعدو ڪندو ته پورو نه ڪندو، امانت ۾ خيانت ڪندو جڏهن ته مسلمان هميشه سچ ڳالهائيندو، واعدو پورو ڪندو ۽ امانت ۾ خيانت نه ڪندو.

سوال5: معاشري ۾ انسان جي عزت ۽ وقار ڪهڙي طرح درست ٿي سگهي ٿو؟



جواب: معاشري ۾ انسان جي عزت ۽ وقار سچ ڳالهائڻ، واعدو پورو ڪرڻ ۽ امانت ۾ خيانت نه ڪرڻ سان ٿيندي آهي.

سوال6: اسلام پاڻ ۾ ڪيل معاهدن بابت ڪهڙو حڪم ڏئي ٿو؟

جواب: اسلام پاڻ ۾ ڪيل واعدن ۽ معاهدن کي لکڻ جو حڪم ڏئي ٿو ۽ شاهد به ڪجن ته جيئن وقت تي ڪم اچي سگهن.

سوال7: واعدن کي پورو ڪرڻ سان ڪهڙا فائدا حاصل ٿيندا آهن؟

جواب: واعدا پورا ڪرڻ سان الله تعاليٰ راضي ٿئي ٿو. واعدا پورا ڪرڻ وارن لاءِ آخرت ۾ بهترين اجر ۽ ثواب آهي. واعدا پورا ڪرڻ سان هڪ ٻئي ۾ يقين ۽ اعتماد وڌندو آهي. جيڪو انسان واعدا پورا ڪرڻ جو پابند هوندو آهي ۽ ڪوڙ نه ڳالهائيندو آهي ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪندو آهي دنيا ۾ آخرت ۾ اهو ئي شخص ڪامياب ٿيندو آهي.

(2) **هيٺين مان صحيح جواب چونديو:**

1. عهد جي معنيٰ ______ ڪرڻ آهي.
(الف) ارادو ✓ (ب) واعدو (ج) پابندي

2. واعدي بابت ______ جي ڏينهن پڇا ڪئي ويندي.
✓ (الف) قيامت (ب) قبر (ج) حشر

3. سچو مسلمان اهو آهي جيڪو پنهنجي ___ تي قائم رهي.
(الف) زبان ✓ (ب) واعدي (ج) ارادي

4. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن ڪڏهن به زندگي ۾ ______ نه ڪئي.
✓ (الف) واعدي خلافي (ب) پابندي (ج) لازمي

5. منافق جي نشاني اها آهي ته اهو ڪوڙ ڳالهائيندو ۽ ______ ڪندو.

(الف) پابندي ✓ (ب) واعدي خلافي (ج) چغلي

6. واعدا پورا ڪرڻ سان ________ خوش ٿيندو آهي.

✓ (الف) الله تعاليٰ (ب) معاشرو (ج) گهر وارا

7. اسلام پاڻ ۾ ڪيل واعدن ۽ معاهدن کي ________ جو حڪم ڏئي ٿو.

✓ (الف) لکڻ (ب) پڙهڻ (ج) ٻڌڻ

8. واعدا پورا ڪرڻ وارو انسان دنيا ۽ آخر ۾ ________ ٿيندو آهي.

(الف) ناڪام ✓ (ب) ڪامياب (ج) راضي



# (2) اسلامي اخوت (ڀائيچارو)

## مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اخوت مان ڇا مراد آهي؟

جواب: اسلامي اخوت مان مراد ڀائيچارو آهي. عربي ٻولي ۾ اخوت جي معنيٰ ٻه ڀائيچارو ئي آهي.

سوال2:اسلام اسان کي ڪهڙي طرح ڀاءُ ڀاءُ قرار ڏئي ٿو؟

جواب: اسلام اسان کي مسلمان ٿيڻ بعد ڪنهن ٻه رنگ جو انسان، ڪنهن ٻه نسل جو نسل، ڪهڙي ٻه ٻوليءَ ڳالهائيندڙ انسان جي فرق کي مٽائي سيني مسلمانن کي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو ڀاءُ قرار ڏئي ٿو.

سوال3: اسان جي پاري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ مسلمانن کي ڀائيچاري بابت ڇا ارشاد فرمايو آهي؟

جواب: اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ته مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي. مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان ٻيو مسلمان محفوظ هجي.

سوال4: اسلامي اخوت جي ڪهڙي گُهرج آهي؟

جواب: اسلامي اخوت جي گُهرج اها آهي ته مسلمان ٻئي مسلمان جي جان، مال، عزت، آبرو ۽ سلامتي جي حفاظت ڪري. پنهنجي ڀاءُ جي ضرورت جو خيال ڪري. ڪنهن ٻه طريقي سان ان جي مدد ڪري. ڪابه مصيب، آفت هجي يا ڪنهن غير مسلم طرفان مسلمانن تي جنگ مسلط ٿئي ته انهن جي مدد ڪجي.

سوال5: اسلامي عبادتن ۾ اخوت ۽ ڀائيچارو ڪهڙي طرح قائم آهي مثال ڏئي وضاحت ڪريو؟

جواب: اسلامي عبادتون اخوت ۽ پائيچاري کي اجان به وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون. روزانو پنج وقت باجماعت نماز لاءِ سمورا مسلمان هڪ هنڌ گڏ ٿي نماز ادا ڪن ٿا ۽ هڪ ٻئي جو خيال رکن ٿا. حج جي موقعي تي به سموري دنيا مان مسلمان مختلف رنگ، نسل ۽ مختلف ملڪن جا ماڻهو هڪ ئي لباس ۾ هڪ ئي هنڌ هڪ ئي ڏينهن تي گڏجن ٿا ۽ حج جا رڪن ادا ڪن ٿا. اهو اسلامي اخوت جو بهترين مثال آهي.

(2) **هيٺيان خال ڀريو:**

1. اسلامي اخوت مان مراد **پائيچارو** آهي.
2. عربي ۾ اخوت جي معنيٰ **پائيچارو** آهي.
3. اڄ مسلم امت کي اخوت ۽ **پائيچاري** جي سخت ضرورت آهي.
4. روزانو پنج وقت نماز مسلمانن کي پاڻ ۾ **ملائي** ٿي.
5. حج جو اجتماع به **اخوت** جو هڪ بهترين مثال آهي.



# (3) چغل خوري ۽ غيبت

## مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: چغل خوري مان ڇا مراد آهي؟

جواب: چغل خوري مان مراد اها آهي ته ٻن انسانن جي وچ ۾ سچي ڪوڙي ڳالهه ڪري جهيڙو جهڳڙو ڪرائڻ، تعلق کي خراب ڪرائڻ، مٽي مائٽي کي ختم ڪرائڻ ۽ هڪ ٻئي جي دل ۾ برائي پيدا ڪرائڻ.

سوال2: اسلام چغل خور جي مذمت ڪهڙي ريت ڪئي آهي؟

جواب: اسلام مسلمانن ڀائرن جي براين کي ظاهر ڪرڻ بدران ان تي پردو وجهڻ جو حڪم ڏئي ٿو ۽ انهن جي اصلاح ڪرڻ جو به حڪم ڏئي ٿو. چغلي هڻڻ کي اسلام سخت ناپسند ڪيو آهي. چغل خور جنت ۾ داخل نه ٿيندو. چغل خور کي قبر ۾ به عذاب ڏنو ويندو.

سوال3: اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن چغل خور لاءِ ڪهڙو ارشاد فرمايو آهي؟

جواب: چغلي هڻڻ معمولي گناهه نه پر سخت حرام آهي. چغل خور جون نيڪيون ختم ڪيون وڃن ٿيون. چغل خور جنت ۾ داخل نه ٿيندو.

سوال4: چغلي هڻڻ سان معاشري ۾ ڪهڙا نقصان ٿين ٿا؟

جواب: اسان کي چغلي هڻڻ جي گناهه کان بچڻ گهرجي، ان سان معاشري ۾ جهيڙو ۽ فساد ڦهلجي ٿو. اسان جو دين اسلام اسان کي چغلي نه هڻڻ جو حڪم ڏئي ٿو ۽ ان کان بچڻ جي تلقين ڪري ٿو. هڪ مسلمان ٻئي مسلمان جو خيرخواهه ۽ ٻين جي عزتن جو محافظ هوندو آهي. هن

گناهه جي عادت پنهنجي معاشري ۽ پنهنجي آخرت کي بچائڻ گهرجي.

سوال5: غيبت مان ڇا مراد آهي؟

جواب: غيبت مان مراد اها آهي ته جيڪڏهن ڪنهن انسان جي اندر ڪا برائي هجي ۽ ان جو ذڪر ان جي پويان ڪرڻ غيبت آهي ۽ جيڪڏهن اها برائي ان ۾ آهي ئي ڪو نه ته ان کي بهتان لڳائڻ چئبو آهي.

سوال6: اسان جي پياري صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن غيبت ڪرڻ وارن لاءِ ڇا فرمايو آهي؟

جواب: اسان جي پياري صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن غيبت ڪرڻ واري کي سخت ناپسند فرمايو آهي ۽ ان کي گناهه قرار ڏنو آهي. غيبت ڪرڻ واري کي پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائڻ وارو چيو ويو آهي. ان معاملي ۾ الله کان ڊڄندا رهو.

سوال7: غيبت ۽ چغلي کان اسان ڪهڙي ريت بچي سگهون ٿا؟

جواب: اڄڪلهه اسان جي معاشري ۾ تمام گهڻو بگاڙ پيدا ٿي ويو آهي. ماڻهو هڪ ٻئي جي گلا ڪندا آهن ۽ ان کي گناهه به نه سمجهندا آهن. اسان کي نه ڪنهن جي غيبت ڪرڻي آهي، نه ڪنهن جي گلا ڪرڻي آهي، نه ڪنهن جي چغلي هڻڻي آهي، نه ڪنهن تي بهتان هڻڻو آهي ۽ نه ئي اهڙي قسم جي ڪا ڳالهه ڪنهن سان ڪرڻي آهي يا ٻڌڻي آهي. جيڪڏهن ڪوئي توهان جي اڳيان ڪنهن جي گلا ڪري ته اها جاءِ هڪدم ڇڏي وڃو. انهن ڳالهين تي ڌيان نه ڏيو ۽ نه ئي انهن ڳالهين کي اڳتي وڌڻ ڏيو.



(2) **مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

1. ڪنهن انسان جي ڪوڙي سچي ڳالهه ڪنهن ٻئي انسان جي اڳيان ڪرڻ واري کي **چغل خور** چئبو آهي.
2. جيڪڏهن ڪنهن انسان ۾ ڪا برائي هجي ۽ ان جو ذڪر ڪنهن سان ڪرڻ واري کي **چغل خور** چئبو آهي.
3. جيڪڏهن ڪنهن انسان ۾ ڪا برائي نه آهي پوءِ به ڪنهن ٻئي جي سامهون ان جي گلا ڪرڻ کي **بهتان** چئبو آهي.
4. **چغل خور** جنت ۾ داخل نه ٿيندو.
5. **غيبت** ڪرن واري کي پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائڻ وارو چيو ويو آهي.
6. اسان نه ڪنهن جي غيبت ڪنداسين ۽ نه ئي **ٻڌنداسين**.

باب ڇهون

# هدايت جا سرچشما ۽ اسلام جا مشاهير

## (1) حضرت دائود عليه السلام

مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: حضرت دائود عليه السلام جو تعارف لکو؟

جواب: حضرت دائود عليه السلام جن الله تعاليٰ جا تمام پيارا نبي ۽ رسول ٿي گذريا آهن. پاڻ عليه السلام، حضرت يعقوب عليه السلام جي اولاد منجهان هئا. پاڻ عليه السلام کي تمام گهڻا معجزا عطا ڪيا ويا. پاڻ عليه السلام کي بهترين آواز پڻ عطا ڪيو ويو. پاڻ عليه السلام کي آسماني ڪتاب "زبور" پڻ ڏنو ويو ۽ بادشاهت پڻ عطا ڪئي وئي هئي.

سوال2: حضرت دائود عليه السلام جا ڪي به ٻه معجزا ٻڌايو؟

جواب: حضرت دائود عليه السلام کي الله تعاليٰ تمام گهڻا معجزا عطا فرمايا. انهن مان هڪ سندن خوبصورت آواز ۽ ٻيو لوهه کي ميڻ وانگر نرم ڪيو ويو هو جنهن سان پاڻ لوهه جون زرهون ٺاهيندا هئا.

سوال3: حضرت دائود عليه السلام جي زندگيءَ مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟

جواب: حضرت دائود عليه السلام جي سيرت مان اسان کي اهو سبق ملي ٿو ته الله تعاليٰ جي نبي ۽ رسول هئڻ جي باوجود پاڻ پنهنجن مبارڪ هٿن سان پنهنجو ڪم ڪندا هئا، محنت ڪندا هئا ۽ لوهه جون زرهون ٺاهيندا هئا. اسان کي به پنهنجا سمورا ڪم پنهنجي سر ڪرڻ گهرجن ۽



حلال روزي ڪمائڻ لاءِ ڪو به جائز ڌنڌو اختيار ڪرڻ گهرجي.

سوال4: حضرت دائود عليه السلام جن جڏهن زبور جي تلاوت ڪندا هئا ته انهن سان گڏجي ڪير ڪير شامل ٿي ويندو هو؟

جواب: حضرت دائود عليه السلام جڏهن زبور شريف جي تلاوت ڪندا هئا ته الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا ڪندي اهڙو سريلو آواز ٻڌي انسان توڙي جن، جانور، پکي، وڻ، جبل انهن سان گڏجي الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا بيان ڪندا هئا.

سوال5: حضرت دائود عليه السلام جن دنيا ۾ ڪيتري ۽ گذاري ۽ ڪيترا سان حڪومت ڪئي؟

جواب: حضرت دائود عليه السلام دنيا ۾ سؤ سال عمر گذاري ۽ ستر سال حڪومت ڪئي.

**(2) مناسب لفظن سان خال ڀريو.**

1. حضرت دائود عليه السلام، حضرت <u>يعقوب</u> عليه السلام جي اولاد منجهان هئا.
2. حضرت دائود عليه السلام جي عمر مبارڪ <u>سؤ</u> سال هئي.
3. حضرت دائود عليه السلام <u>ستر</u> سالن تائين حڪومت ڪئي.
4. حضرت دائود عليه السلام جي هٿن ۾ لوهه <u>نرم</u> ٿي ويندو هو.

(3) **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ جواب "ها" يا "نہ" ۾ ڏيو.**

1. ڇا حضرت دائود عليه السلام، حضرت يونس عليه السلام جي اولاد منجهان هئا؟ **(نہ)**
2. ڇا حضرت دائود عليه السلام جي عمر مبارڪ 70 سال هئي؟ **(نہ)**
3. ڇا حضرت دائود عليه السلام 30 سال حڪومت ڪئي؟ **(نہ)**
4. ڇا حضرت دائود عليه السلام کي مقدس آسماني ڪتاب زبور عطا ڪيو؟ **(ها)**
5. ڇا حضرت دائود عليه السلام کي اهو معجزو عطا فرمايو ويو هو تہ لوهہ سندن هٿن ۾ نرم ٿي ويندو هو؟ **(ها)**



# (2) حضرت عيسيٰ عليه السلام

## مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: حضرت عيسيٰ عليه السلام جوتعارف لکو؟

جواب: الله تعاليٰ حضرت عيسيٰ عليه السلام کي بني اسرائيل ڏانهن نبي ۽ رسول بڻائي موڪليو. پاڻ عليه السلام فلسطين جي شهر ناصره ۾ بيت اللحم ۾ پيدا ٿيا. پاڻ عليه السلام جي والده جو نالو حضرت مريم عليه السلام هو. پاڻ عليه السلام جي والده تمام گهڻي نيڪ عورت هئي ۽ بيت المقدس ۾ رهندي هئي. پاڻ عليه السلام کي آسماني ڪتاب انجيل مقدس عطا ڪيو ويو.

سوال2: حضرت عيسيٰ عليه السلام جي ننڍپڻ بابت اوهان کي ڪهڙي خبر آهي؟

جواب: حضرت عيسيٰ عليه السلام جن ننڍپڻ کان ئي ماڻهن سان ڳالهائڻ شروع ڪري ڇڏي هو ۽ ماڻهن کي ٻڌايائون تہ مان الله جو نبي آهيان مون تي آسماني ڪتاب بہ نازل ڪيو ويندو. مون کي بابرڪت بڻايو ويو آهي. مون کي نماز پڙهڻ ۽ زڪوات ڏيڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. انهيءَ ڪري ننڍپڻ کان ئي حضرت عيسيٰ عليه السلام بني اسرائيل جي قوم ۾ مشهور ٿي ويا هئا.

سوال3: حضرت عيسيٰ عليه السلام جي قوم بني اسرائيل جون ڪهڙيون حالتون هيون؟

جواب: بني اسرائيل جي قوم يهودي سڏائيندا هئا. توريت تي ايمان رکڻ جي دعويٰ ڪندا هئا پر انهن جي عملي زندگي توريت جي تعليم جي ابتڙ هوندي هئي. انهن جن ڪمن کي توريت جي تعليم جو نالو ڏنو هو اهي انهن جون

نفساني خواهشون هيون. هي ماڻهو شريعت جي حڪمن کي پنهنجي مرضيءَ سان تبديل ڪري ڇڏيندا هئا. وياج جو ڪاروبار ڪندا هئا. ماڻهن تي ظلم ڪندا هئا. انهن جا عالم پئسا وٺي توريت جي حڪمن کي بدلائي ماڻهن جي مرضيءَ مطابق فتويٰ ڏئي ڇڏيندا هئا.

سوال4: حضرت عيسيٰ عليه السلام جي معجزن بابت ٻڌايو؟

جواب: حضرت عيسيٰ عليه السلام کي آسماني ڪتاب انجيل عطا ڪيو ويو هو. پاڻ عليه السلام کي آسماني ڪتاب انجيل عطا ڪيو ويو هو. پاڻ عليه السلام مٽي جو پکي ناهي ان تي ڦوڪ هڻندا هئا ته اهو الله جي حڪم سان زنده ٿي ويندو هو ۽ اڏرڻ شروع ڪندو هو. الله تعاليٰ جي حڪم سان مُردن کي جيئرو ڪري ڇڏيندا هئا. پنهنجي قوم کي ٻڌائيندا هئا ته انهن ڇا کاڌو ۽ گهر ۾ ڇا ڇڏي آيا آهن. الله تعاليٰ حضرت عيسيٰ عليه السلام کي تمام گهڻا معجزا عطا ڪيا هئا.

سوال5: ماڻهن حضرت عيسيٰ عليه السلام جي مخالفت ڇو ڪئي؟

جواب: حضرت عيسيٰ عليه السلام ماڻهن کي الله تعاليٰ جو پيغام پهچايو. پنهنجن معجزن کي ظاهر ڪيو. پاڻ عليه السلام جي حوارين جي تعداد ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿي رهيو هو ۽ يهودين کي اها ڳالهه برداشت نه پئي ٿئي. يهودين حضرت عيسيٰ عليه السلام جي مخالفت شروع ڪري ڇڏي ۽ پاڻ عليه السلام جي خلاف سازش ڪئي جنهن سبب وقت جي بادشاهه پاڻ عليه السلام کي ڦاسي جي سزا ٻڌائي پر الله تعاليٰ پاڻ عليه السلام کي آسمان تي کڻائي ورتو.



سوال6: حضرت عيسيٰ عليه السلام جن جي دنيا ۾ ٻيهر اچڻ بابت ڪجهه لکو؟

جواب: دنيا جا سمورا مسلمان ان ڳالهه تي يقين رکندا آهن ته حضرت عيسيٰ عليه السلام آسمانن تي زنده آهن. الله تعاليٰ جي حڪم سان قيامت کان اڳ ٻيهر دنيا ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جا امتي بڻجي ايندا. اسلام جي تبليغ ڪندا. دجال کي قتل ڪندا ۽ زمين تي الله تعاليٰ جو نظام قائم ڪندا.

سوال7: حضرت عيسيٰ عليه السلام جي زندگيءَ ۾ اسان لاءِ ڪهڙي نصيحت آهي؟

جواب: حضرت عيسيٰ عليه السلام جي زندگي ۾ اسان لاءِ اهو سبق اهي ته اخلاص سان ڪم ڪريون، تڪليفن ۽ مصيبتن کان نه گهٻرايون، ڇو ته الله تعاليٰ پنهنجن ٻانهن جي هر حال ۾ مدد ڪندو آهي. جيڪي ماڻهو دين جي خاطر سختيون برداشت ڪندا آهن انهن کي آخرت ۾ ڪاميابي ملندي آهي.

(2) **مناسب لفظن سان خال پريو:**

1. حضرت عيسيٰ عليه السلام جي والده جو نالو **حضرت بيبي مريم** عليه السلام هو
2. حضرت عيسيٰ عليه السلام **فلسطين** جي شهر ناصره بيت اللحم ۾ پيدا ٿيو.
3. حضرت عيسيٰ عليه السلام کي آسماني ڪتاب **انجيل** عطا ڪيو ويو.
4. حضرت عيسيٰ عليه السلام الله تعاليٰ جي حڪم سان **انڌن** کي روشني عطا فرمائيندا هئا.

5. حضرت عيسيٰ عليه السلام آسمان تي **زنده** آهن.
6. حضرت عيسيٰ عليه السلام کي الله تعاليٰ آسمانن تي **گهرائي** ورتو هو.
7. حضرت عيسيٰ عليه السلام، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن جا **امتي** بڻجي دنيا ۾ ٻيهر ايندا.



## (3) حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا ڄاڻيو؟

جواب: حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ مسلمانن جا چوٿان خليفا هئا. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جا سؤٽ ۽ نياٽا هئا. اسلام قبول ڪرڻ وقت سندن عمر 10 سال هئي. حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ جو تعلق بنو هاشم قبيلي سان هو. حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ جي والد جو نالو ابو طالب ۽ والده جو نالو فاطمه بنت اسد هو.

سوال2: حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ کي ڪهڙن ڪهڙن لقبن سان سڏيو وڃي ٿو؟

جواب: حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ کي حيدر ڪرار، ابو تراب، ابوالحسن، مولا علي، شير خدا، اسد الله جي لقبن سان نوازيو ويو.

سوال3: اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن پنهنجي ڪهڙي نياڻي حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ جي نڪاح ۾ ڏني؟

جواب: اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن پنهنجي پياري نياڻي حضرت بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهَا جو نڪاح حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ سان ڪرڻ فرمايو. الله تعاليٰ انهن کي بهترين اولاد سان نوازيو. انهن منجهان حضرت حسن رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ ۽ حضرت حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ جنتي نوجوانن جا سردار آهن.

سوال4: حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي جنگي ڪارنامن بابت ٻڌايو؟

جواب: حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ننڍپڻ کان ئي اعليٰ اخلاقن وارا ۽ بهادر انسان هئا. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ اسلام لاءِ ڪيترن ئي جنگين ۾ بهادري جا خوب جوهر ڏيکاريائون. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ڪيترين ئي وڏن وڏن ڪافرن ۽ سردارن کي موت جي ننڊ سمهاريو. خيبر جو قلعو به پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي هٿان فتح ٿيو.

سوال5: حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ هڪ عالم ۽ قاضي هجڻ بابت اوهان ڇا ڄاڻيو؟

جواب: حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ڪاتب وحي ۽ حافظ قرآن هئا. قرآن مجيد جي هر آيت جي نازل ٿيڻ جي شان بابت ڄاڻيندا هئا. فقه جي علم ۾ به پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي خاص مقام حاصل هو. مڪي جي ڪافرن سان حديبيه جي مقام تي ڪيل معاهدو به پاڻ لکيو هئائون. پاڻ هڪ بهترين عدل ۽ انصاف ڪرڻ وارا قاضي به هئا. اسلام جي پهرين ٽن خليفن جي دور ۾ حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ قاضي القضاه يعني اعليٰ جج ۽ مرڪزي مجلس شوريٰ جا رڪن به رهيا.

سوال6: حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي خلافت جي دور بابت توهان کي ڪهڙي خبر آهي؟

جواب: حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ اسلام جا چوٿان خليفا راشد مقرر ڪيا ويا. سندن خلافت جو دور چار سال نو مهينا رهيو. حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ خليفو هجڻ جي ناتي ڪيترائي ڪم ڪيا. دريائن جي مٿان پليون، مسلمانن جي حفاظت لاءِ قلعا عبادت لاءِ مسجدون، فوجين لاءِ ڇانوڻيون،



بيت المال جي حفاظت جو انتظام ڪيائون. خاص طورتي انصاف لاءِ عدالتن ۾ بهترين انتظام ۽ مختلف علائقن ۾ قاضين کي مقرر ڪيائون ۽ درست فيصلا ڪرڻ لاءِ قاضين جي مدد ڪندا هئا. اسلامي رياست کي وسيع ۽ مضبوط ڪيائون.

سوال7: حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي شهادت بابت ٻڌايو؟

جواب: حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي سن 40 هجري ۾ ڪوفي جي جامع مسجد ۾ نماز دوران زخمي ڪيو ويو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ 21 رمضان المبارڪ سن 40 هجري ۾ زخمن سبب شهيد ٿي ويا. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي وڏي فرزند حضرت حسن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جنازي جي نماز پڙهائي. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي مزار پرانور عراق جي شهر نجف اشرف ۾ آهي. جتي هر سال لکين ماڻهو حاضري ڀريندا آهن.

(2) مناسب لفظن سان خال ڀريو:

1. حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ اسلام جا **چوٿان** خليفا مقرر ڪيا ويا.
2. حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جا سوٽ ۽ **نياٽا** هئا.
3. اسلام قبول ڪرڻ وقت حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي عمر **ڏهه** سال هئي.
4. حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي والد جو نالو **ابو طالب** ۽ والده جو نالو فاطمه بنت اسد هو.

5. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي پياري نياٽي حضرت **فاطمه** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جو نڪاح حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ سان ڪرايو.
6. حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي هٿان **خيبر** جو قلعو فتح ٿيو.
7. حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو مان علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو **دروازو** آهي.

**(3) پيارا ٻارو! حضرت علي جا فضائل ۽ خصوصيتون بيان ڪريو:**

1. حضرت رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ٻارن ۾ سڀ کان اول اسلام قبول ڪندڙ فرد آهن.
2. حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي پرورش، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي زير نظر ٿي.
3. حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جا سوٽ هئا.
4. حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ قرآن جا حافظ، قاري، ڪاتب قرآن ۽ آيتن جي نازل ٿيڻ جي شان بابت بهترين ڄاڻ رکندا هئا.
5. حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ هڪ بهترين سپهه سالار ۽ ٻنهي هٿن سان تلوار هلائڻ جا ماهر هئا.
6. حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ اسلام خاطر ٿيندڙ جنگين ۾ حصو ورتو ۽ خيبر جو قلعو سندن هٿن سان فتح ٿيو.
7. حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو نياٽو هجڻ جو اعزاز به حاصل آهي.



8. حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ پاڻ به جنت جا سردار ۽ سندن ٻئي فرزند حضرت حسن ۽ حسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُمۡ به جنت جي نوجوانن جا سردار ۽ سندن گهرواري حضرت فاطمة الزهرا رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا به جنت جي عورتن جي سردار آهي.
9. حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي ڪافرن سان ڪيل حديبيه وارو معاهدو لکڻ جي سعادت حاصل ٿي.
10. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو علي مون منجهان آهي ۽ مان علي منجهان آهيان.
11. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو مان علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو آهي.
12. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن خاندان کي پنهنجو اهل بيت قرار ڏنو انهن جي اولاد کي پنهنجي اولاد قرار ڏنو.
13. حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ اسلام جي اولين صحابه منجهان آهن ۽ پنهنجي زندگي جي آخري گهڙي تائين اسلامي جي خدمت ڪيائون.
14. سيني خلفاءِ راشدين جي دور ۾قاضي القضاء (اعليٰ جج) جا فرض سرانجام ڏنائون ۽ مجلس شوريٰ جا مرڪزي رڪن رهيا.
15. حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ بطور قاضي هڪ بهترين عدل ۽ انصاف ڪندڙ جج هئا.
16. حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ اسلام جا چوٿان خليفا مقرر ڪيا ويا.

# (4) اولياءِ ڪرام ۽ صوفياءِ ڪرام

## مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جو مختصر تعارف لکو؟

جواب: حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه 470 هجري ۾ پيدا ٿيا ۽ ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ بعد وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بغداد جو سفر ڪيو ۽ سموري زندگي بغداد شريف ۾ ئي رهائش اختيار ڪئي. بغداد جي وڏن وڏن عالمن ۾ سندن شمار ٿيڻ لڳو. بي شمار ماڻهن کي اسلام ڏانهن راغب ڪيائون ۽ بي شمار سندن شاگرد بڻيا ۽ لکين مريد بڻيا. اولياء ڪرام جي سرداري کين حاصل ٿي 561 هجري ۾ سندس وصال ٿيو ۽ بغداد ۾ مزار اڄ به قائم آهي.

سوال2: حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جي ٻن مشهور ڪتابن جا نالا ڪهڙا آهن؟

جواب: شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جا ٻه مشهور ڪتاب مفتاح الغيب ۽ غنية الطالبين آهن.

سوال3: مولانا جلال الدين رومي رحمة الله عليه جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا ڄاڻيو؟

جواب: مولانا جلال الدين رحمة الله عليه 604 هجري ۾ افغانستان جي شهر خراسان جي علائقي بلخ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ رحمة الله عليه کي دنيا مولانا رومي جي نالي سان سڃاڻي ٿي. شروعاتي تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ مختلف علائقن مان وڌيڪ تعليم پرايائون. تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ ترڪي



جي شهر قونيه ۾ سڪونت پذير ٿيا. فارسي تي مڪمل عبور حاصل هئن. فارسي ۾ پنهنجو ڪتاب مثنوي معنوي شاعري جو ڪتاب لکيائون. جيڪو اڄ به سموري دنيا ۾ پڙهيو وڃي ٿو. انهي ڪتاب جي ڪري ئي گهڻو مشهور ٿيا. 68 سالن جي عمر ۾ 672 هجري ۾ سندن وصال ٿيو. قونيه ۾ سندن مزار تي اڄ به فيض لٽجي رهيو آهي.

سوال4: حضرت داتا گنج بخش هجويري رحمة الله عليه جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو؟

جواب: حضرت داتا گنج بخش هجويري رحمة الله عليه 400 هجري ۾ افغانستان جي شهر غزني جي ويجهو هجوير ۾ پيدا ٿيا. سندس نالو علي ۽ ڪنيت ابوالحسن آهي. سندس والد جو نالو عثمان هو. ابتدائي تعليم پنهنجي شهر مان حاصل ڪيائون ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ مختلف ملڪن جو سفر ڪيائون. پنهنجي مرشد جي حڪم سان لاهور آيا ۽ لاهور شهر جي ٻاهران قيام ڪيائون ۽ مسجد جوڙايائون. علم التفسير، علم الحديث، علم الفقه ۽ ٻين علمن تي کين عبور حاصل هو. سندس مشهور ڪتاب ڪشف المحجوب ۾ صوفيت جو رنگ نظر اچي ٿو ۽ هن ڪتاب کي دنيا ۾ تمام گهڻي پذيرائي ملي ۽ ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو. 468 هجري ۾ 68 سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائون ۽ لاهور ۾ ان ئي جڳهه تي سندس مزار اڄ به قائم آهي.

سوال5: درگاهه پير جو ڳوٺ جي بابت اوهان کي ڪهڙي خبر آهي؟

جواب: سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه 1171 هجري ۾ خيرپور جي ويجهو هڪ علائقي ۾ پيدا ٿيا. مختلف ملڪن جو سفر ڪري تعليم پرايائون ۽ واپس پنهنجي

ڳوٺ اچي مسجد ۽ مدرسو قائم ڪيائون. برصغير جي وڏن وڏن عالمن هتان ئي تعليم حاصل ڪئي. پاڻ ڪيترائي ڪتاب لکيائون. ڪيترن ئي علائقن جو سفر ڪيائون ۽ سندن لکين مريد بڻيا. 63 سالن جي عمر ۾ سن 1234 هجري ۾ سندن وفات ٿي. سندس مقبرو مسجد سان ڳنڍوڳنڍ ناهيو ويو. اڄ به سندس مدرسي مان هر سال ڪيترائي عالم فارغ التحصيل ٿين ٿا. سندس مزار درگاهه پير جو ڳوٺ جي نالي سان مشهور آهي.

(2) **مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

1. غوث اعظم حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه **470** هجري ۾ پيدا ٿيا.
2. مفتاح الغيب ۽ غنية الطالبين **شيخ عبدالقادر** رحمة الله عليه لکيا.
3. حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جي مزار **بغداد** ۾ آهي.
4. **561** هجري ۾ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني جو وصال ٿيو.
5. حضرت علامه مولانا جلال الدين رومي رحمة الله عليه **604** هجري ۾ پيدا ٿيا.
6. مولانا جلال الدين رومي رحمة الله عليه جو مشهور ۽ معروف ڪتاب **مثنوي معنوي** آهي.
7. مولانا جلال الدين رومي رحمة الله عليه **68** جي عمر ۾ وفات ڪئي.



8. ترڪي جي شهر **قونيه** ۾ مولانا جلال الدين رومي جي مزار آهي.
9. حضرت داتا گنج بخش رحمة الله عليه **400** هجري ۾ پيدا ٿيا.
10. ڪشف المحجوب حضرت **داتا گنج بخش** رحمة الله عليه جي تصنيف آهي.
11. پير جو ڳوٺ ۾ مشهور ۽ معروف بزرگ **سيد محمد راشد روضي ڌڻي** رحمة الله عليه جي مزار آهي.

باب ستون

# اسلامي تعليم ۽ حاضر وقت جون ضرورتون

## (1) حادثن کان بچڻ جون تدبيرون

مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: اسلام اسان کي انسانيت جي حوالي سان ڪهڙو درس ڏئي ٿو؟

جواب: زندگي الله تعاليٰ طرفان مليل نعمتن مان هڪ نعمت آهي. انساني زندگي جي قدر ۽ قيمت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته جنهن هڪ انسان جي جان بچائي جڻ ته ان پوري انسانيت جي جان بچائي. اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ته مسلمان جو خون، مال، عزت ۽ آبرو ٻئي مسلمان تي حرام آهي.

سوال2: ڪنهن انسان کي تڪليف پهچائڻ جي حوالي سان توهان ڇا ٿا ڄاڻيو؟

جواب: ڪهڙي به سبب جي ڪري ڪنهن انسان کي ڪا تڪليف يا نقصان نه پهچائڻ گهرجي. انسان ته ڇا پر جانورن کي به نه ايذائڻ گهرجي. اسلام اسان کي ڪنهن کي به ايذائڻ کان منع فرمايو آهي. جيڪڏهن اسان طرفان ڪنهن کي به ڪا تڪليف پهتي ته اها اسان جي اعمالنامي ۾ لکي ويندي ۽ قيامت جي ڏينهن اسان کي ان جو حساب ڏيڻو پوندو.

سوال3: اسلام اسان کي اوچتو آيل آفتن جي باري ۾ انسانن جي خدمت ڪرڻ لاءِ ڪهڙو حڪم ڏئي ٿو؟



جواب: اسلام اسان کي سيني اوچتو آيل آفتن ۽ حادثن جي صورت ۾ سڀ کان اول انساني جانيون بچائڻ جو حڪم ڏئي ٿو ۽ انهن سيني حادثن کان بچڻ لاءِ احتياطي تدبيرون ڪرڻ جو به حڪم ڏئي ٿو. حادثن کان بچڻ لاءِ ملڪ جي قانونن تي عمل ڪرڻ جو به حڪم ڏئي ٿو.

سوال4: جيڪڏهن خدانخواسته ڪو حادثو ٿي پوي يا ڪا قدرتي آفت اچي وڃي ته اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: جيڪڏهن خدانخواسته اهڙي ڪا صورتحال پيدا ٿي پوي ٿي ته اسان کي صبر ۽ تحمل سان ڪم وٺندي همت ڪري ٻين انساني جانين کي بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن حڪومت طرفان ڪا امداد پهچي ٿي ته انهن سان تعاون ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي ڪنهن به ڪم ۾ رڪاوٽ نه وجهڻ گهرجي. پاڻ به حوصلو رکجي ۽ ٻين جو به حوصلو وڌائڻ گهرجي.

سوال5: هن سبق مان اسان کي ڪهڙيون احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ جو سبق ملي ٿو؟

جواب: اسان کي هر حال ۾ صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪندي احتياطي تدبيرن تي عمل ڪرڻ گهرجي ته جيئن ڪنهن به حادثي کان محفوظ رهي سگهون. جن ڪمن مان نقصان جو خطرو هجي انهن ۾ احتياط ڪرڻ گهرجي مثال طور: روڊ پار ڪرڻ مهل خيال ڪرڻ گهرجي، ڊرائيونگ مهل ٽرئفڪ جي اصولن تي عمل ڪرڻ گهرجي. تيز رفتاري کان پاسو ڪرڻ گهرجي، طوفان، زلزلي، ٻوڏ، بارش، جاين جي ڪرڻ، حادثا ٿيڻ جي صورت ۾ هڪدم طبي امداد وٺڻ ۽ ڊاڪٽر سان مشورو ڪرڻ گهرجي. وبا جي صورت ۾ ڊاڪٽرن جي هدايتن تي عمل ڪرڻو آهي.

(2) غور سان پڙهو، سمجهو ۽ جواب ”ها“ يا ”نه“ ۾ ڏيو.

1. جنهن هڪ انسان جي جان بچائي جڻ ان پوري انسانيت جي جان بچائي. (ها)
2. اسين ڪنهن انسان کي ته ڇا پر جانور کي به ڪا تڪليف نه ڏينداسين. (ها)
3. اسلام اسان کي هر حال ۾ صبر ۽ تحمل، حوصلي ۽ ٻين جي خدمت ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو. (ها)
4. ڇا اسين هميشه تيز رفتار سان گاڏي هلائينداسين؟ (نه)
5. ڇا اسين روڊ پار ڪرڻ وقت ڌيان نه ڪنداسين؟ (ها)
6. ڪنهن به حادثي جي صورت ۾ هڪ ٻئي سان وڙهنداسين. (نه)
7. حادثي مهل گوڙ ڪري ۽ حڪومتي ڪمن ۾ رڪاوٽ جو سبب بڻجنداسين. (نه)
8. وبا جي صورت ۾ ڊاڪٽرن جي هدايت تي عمل نه ڪنداسين. (ها)



## (2) ٻوٽن ۽ وڻ جي اهميت ۽ انهن جا فائدا

مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: اسلام اسان کي وڻن ۽ ٻوٽن لاءِ ڪهڙو حڪم ڏئي ٿو؟

جواب: الله تعاليٰ اسان انسانن لاءِ بي شمار نعمتون پيدا ڪيون آهن. انهن مان هڪ نعمت وڻ ۽ ٻوٽا به آهن. قرآن پاڪ ۽ حديث مبارڪ ۾ مختلف جاين تي انهن جو تذڪرو ڪيو ويو آهي ۽ انهن مان پيدا ٿيندڙ ميون ۽ اناج جو ذڪر به ڪيو ويو آهي ۽ وڻن ٻوٽن کي زمين جو حسن قرار ڏنو ويو آهي.

سوال2: وڻن ۽ ٻوٽن مان ڪهڙا فائدا آهن؟

جواب: وڻن ۽ ٻوٽن مان انسانن، جانورن، پکين ۽ جيتن کي ڪيترائي فائدا حاصل ٿين ٿا. وڻن ۽ ٻوٽن سان نه صرف هوا مان آلودگي ختم ٿئي ٿي پر وڻ انسانن جي ساهه کڻڻ لاءِ آڪسيجن پڻ مهيا ڪن ٿا. وڻن جي ڪري زمين جي گرميءَ جو درجو گهٽجي ٿو. وڻن سان ماحول ۾ خوبصورتي پيدا ٿئي ٿي. وڻن تي پکي پنهنجا آکيرا ٺاهين ٿا. مختلف ديسي ٻوٽين مان مختلف بيمارين لاءِ دوائون تيار ڪيون وڃن ٿيون.

سوال3: ڇا وڻن ۽ ٻوٽن مان انسان ۽ جانور پنهنجي خوراڪ حاصل ڪن ٿا؟

جواب: جي ها بلڪل وڻن ۾ پيدا ٿيندڙ ميوا اسين انسان کائون ٿا انهن جو جوس پيئون ٿا. سبزيون اناج، داليون وغيره اسين روزانو کائون ٿا. ڪاٺ مان اسين ماني پچايون ٿا

چانور اسين روزانو کائون ٿا. جانورن کي ٻه گاهه وغيره کائي پنهنجي خوراڪ حاصل ڪن ٿا.

**سوال4:** جيڪڏهن وڻ ۽ ٻوٽا زمين تان ختم ٿي وڃن ته ڇا انساني زندگي به ختم ٿي ويندي؟

**جواب:** جيڪڏهن زمين تان وڻ ٻوٽا ختم ٿي وڃن ته انساني زندگي به ختم ٿي ويندي. اهوئي سبب آهي جو اسلام اسان کي وڻ پوکڻ جو حڪم ڏنو آهي. وڻڪاري ڪرڻ ۽ ٻوٽا پوکڻ بهترين صدقو آهي.

**سوال5:** ڇا اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن ڪڏهن وڻ پوکيا؟

**جواب:** جي ها بلڪل اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن پنهنجن مبارڪ هٿن سان ڪجي جا وڻ پوکي پنهنجي امت کي به ان جو حڪم ڏنو آهي ۽ وڻ پوکڻ کي بهترين صدقو قرار ڏنو آهي. ڪيترن ئي صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ جو ڪم پوک ڪرڻ هو.

**سوال6:** اسان کي وڻ ڇو پوکڻ گهرجن ۽ ان جا ڪهڙا فائدا آهن؟

**جواب:** اسان هن سبق مان اهو سکيو ته وڻ پوکڻا آهن. ۽ پنهنجي نسل کي بچائڻو آهي. پنهنجي ماحول کي خوبصورت بڻائڻو آهي. وڻ پوکي مختلف بيمارين کي ختم ڪرڻو آهي. انهن مان خوراڪ حاصل ڪرڻي آهي. حڪومت طرفان ڪيل وڻڪاري مهم ۾ حصو وٺڻو آهي ته جيئن اسان جو ملڪ سرسبز ۽ شاداب رهي.



(2) **وڻ پوکڻ جا فائدا لکو:**

1. پيارا ٻارو اسان ڇا سکيو ته ٻوٽو پوکڻو آهي ۽ ان کي وڻ ناهڻو آهي. اڄڻ واري نسل کي بچائڻو آهي.
2. اڄ اسان وڻن کي ڪٽڻ کان نه بچايو ته ايندڙ نسل به نه بچندو.
3. وڻ پوکڻ سان اسان کي پنهنجي ماحول کي صاف سٿرو ۽ سرسبز ۽ شاداب بڻائڻو آهي.
4. ٻوٽا پوکڻ ۽ انهن جي حفاظت ڪرڻ بهترين صدقو آهي.
5. زمين تان وڻ ٻوٽا ختم ٿي ويا ته انساني زندگي به ختم ٿي ويندي.
6. وڻن ۽ ٻوٽن مان اسين آڪسيجن حاصل ڪريون ٿا.